

Gul Hayat Institute

# اُپر چَندَ پَسُ پرین

Gul Hayat Institute

# ائين جيئن پسن پرين

(شاعري)

## شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد ، حيدرآباد سنڌ .
1990ع

سڳنڌ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ پنجٽيهه

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ | شهزاد پرنٽنگ پريس<br>ڀائي خان چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | لغاري اين لغاري ڪارپوريشن،<br>ڪلهوڙا ڪالوني، حيدرآباد، سنڌ. |
| پهريون ايڊيشن | جولائي 1990ع |
| | **قيمت** 60/- روپيا |
| | پڪي جلد سان 80/- روپيا |

(سڀ حق ۽ واسطا قائم).

Gul Hayat Institute

---

UBHR CHAND PUS PREEN (Poetry) written by: SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition July 1990. Price Per Copy Rs. 60/-

# انتساب

ايڪويهين صديءَ جي نالي-

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

❁ کنڌي پهتي ڪانہ يا اَمن امان
باجهہ ٻلاٽي ٻانئيان
(شاہ لطيف)

❁ ٻلاٽي= ٻيڙاري- ٻيڙ

Gul Hayat Institute

# مهاڳُ

ڪافي سال اڳ مون جان آسبورن (John Osborne) جي ڊراما "ليودر" ۾، ڊراما جي مکيه ڪردار مارٽن ليودر (Martin Luther) جا اهي لفظ غور سان پڙهيا هيا، "مون کي ايئن ٿو نظر اچي ته مايوسيءَ مان نڪرڻ جا ٽي طريقا آهن. هڪڙو اهو آهي ته يسوع ۾ پورو پروسو هجي، ٻيو اهو آهي ته دنيا تي غصي ۾ پرجي وڃجي ۽ اُن جو نڪ ۽ ناسون رَتو رَت ڪجن، ۽ ٽيون طريقو اهو آهي ته ڪنهن عورت سان عشق ڪجي."

مون ٽيون طريقو ته ڪيئي ڀيرا آزمايو آهي ۽ نه رڳو سنڌ ۽ پنجاب پر بمبئيءَ، ماسڪو ۽ لنڊن تائين، اُنجي مِوسلادّار مينهن ۾ وهنجيو آهيان. آئين آهي ته مون فطرت ۽ فن سان به ايتري ئي محبت ڪئي آهي جيتري عورت سان ڪئي آهي

مون ٻيو طريقو به آزمايو آهي. ڊوسٽو وسڪيءَ پنهنجي ناول رُوڊِن (Rudin) ۾ لکيو آهي ته هڪ چڱو ٻول هڪ چڱو ڪارج به آهي. (A good word is also a good deed)

مون هن وانگر سدائين سوچيو آهي ته منهنجي شاعري ئي منهنجو بهترين عمل آهي، منهنجي بهترين سياست آهي ۽ دنيا کي بدلائڻ لاءِ منهنجو بهترين ذريعو آهي. مون نوجوانيءَ ۾ انگريز سامراج جي خلاف ڪيترا نظم لکيا. جڏهن اُجا مان ٽين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس ته اهڙا نظم شڪارپور مان نڪرندڙ روزاني اخبار "سوراج" ۽ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ روزاني "سنسار سماچار" ۽ ڪجھ رسالن ۽ ڪاليج جي مخزنن ۾ شايع ٿيندا ها. ڪراچيءَ ۾ به مون ڪيئي نظم "اسين نه رهياسين ته ڇا ٿيو" "او باغي او راج ڏروهي" وغيره لکيا جي

Gul Hayat Institute

پروفيسر رام پنجواڻيءَ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ڳاتا. نوجوانيءَ کان وٺي مان سي.آءِ .ڊي جي ڪڙي نظر هيٺ رهيو آهيان. آزاديءَ کان پوءِ نه رڳو مون قتل و غارت ۽ بغض و نفرت جي مخالفت ڪئي ۽ پاڪستان ۾ جهالت پسند ۽ آمريت پرور طبقن خلاف پنهنجي شاعريءَ جي زور آزمائي ڪئي پر وَن يونٽ کان پوءِ هن وقت تائين شاعريءَ ۾ جمهوريت دشمنيءَ جي پُرزور مخالفت ڪئي آهي. مون اِشارا، ڪنايا، تشبيهون، تلميحيون، استعارا، اساطير (ڏند ڪٿائون) ۽ ٻيا شاعرانه حربا استعمال ڪري، پنهنجي پوري تخليقي قوت ان ۾ صرف ڪئي ته جيئن جمهوريت دشمن ۽ استحصال پسند نظام جي پاڙ پٽي وڃي ۽ اُن دؤر جي آجيان ڪئي وڃي جنهن جا بنياد محبت ۽ اخوت تي ٻڌا ويندا ۽ اهڙيءَ شاعري جي نتيجي ۾ مون فوجي حڪومت ۽ بيوروڪريسيءَ جا ڏنل طرح طرح جا عذاب قبول ڪيا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته مون پرپور زندگيءَ لاءِ مارٽن ليوٿر جا مٿي ذڪر ڪيل پوئيان ٻه طريقا پنهنجي وِت ڪان وڌيڪ استعمال ڪيا آهن. مون تي بار بار اها تنقيد ڪئي وئي آهي ته مان چار سال وائيس چانسلر هوس ۽ اهي چار سال منهنجي شاعري پنهنجي دؤر تي پوريءَ طرح حمله آور نه ٿي سگهي آهي. مان اِن سوال جو جواب پنهنجن اڳين ڪتابن ۾ ڏئي چُڪو آهيان. (ٽنگور ۽ اقبال ته پنهنجي سياسي وابستگي جي باوجود هڪ ڀيرو ٻه جيل ۾ نه ويا ها جيستائيڪ مان ٽي ڀيرا ويو آهيان ۽ اهڙي وقت جڏهن ڌرتيءَ تي ڀوائتا ڀونچال آيا ها.) هتي مان رڳو اهو ٿو چوان ته لينن امن-انعام يافته شاعر فيض احمد فيض، جو منهنجو دوست ٻه هو، ڀٽي صاحب جي چوڻ تي اسلام آباد ۾ نئشنل ڪائنسل آف آرٽس جو پنجن سالن لاءِ ڊائريڪٽر ٿي رهيو هو. هن جي اشتراڪي محرم ۽ سوانح نويس سبطِ حسن چَواڻيءَ، "هو صدقِ دل سان اهو سمجهندو هيو ته عوامي حڪومت جي راڄ ۾ هُو پاڪستان جي فن ۽ تهذيب جي ڀرپور خدمت ڪري سگهندو پر افسر شاهيءَ جي اڳيان هن جي ڪائي ڳالهه نه هلي.

خود احتسابي (پاڻ کان حساب وٺڻ جو عمل) هُن لاءِ هڪ الڳ عذاب ٿي پئي. هن جيڪي پنج سال حڪومت سان گڏ گذاريا، اُهي هن جي شاعري لاءِ بي ثمر (اڻ ڦل) سال هيا. خود هُن کي ٻه اهو

احساس هو مگر (بقول فيض)✽ "دامنِ تهِ سنگ آمده پيمانِ وفا هي" واري ڳالهه هئي.

(سبطِ حسن جو ڪتاب سُخن در سُخن- صفحو ٧٢)

مون تہ "لڙيو سِجُ لڪن ۾" ڪيترين وايون نوڪريءَ جي دور ۾ لکيو هُيون، جن مان ڪجهہ سنڌيونيورسٽيءَ جي پرک رسالي ۾ بہ ڇپايون هُيون، اها بي ڳالهه آهي تہ اُهي مان سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ پڙهي نہ سگهيو هوس جيئن مان ون يونٽ واري دؤر ۾ پڙهندو هوس ۽ ضيا آمريت جي دَوَر ۾ سرڪاري نوڪريءَ مون کي نہ "جائي رفتن نہ پائي ماندن" واريءَ حالت ۾ آڻي ڇڏيو هيو. نوڪريءَ جا چار سال پورا ٿيا تہ مون فوجي آمريت خلاف ڪافي ڪجهہ لکيو ۽ پنهنجي فن جي پرپور قوت آمريت جي خلاف استعمال ڪئي. انهيءَ ڪري مان ضيا جي هِٽ-لسٽ (Hit List) تي هوس. اِن جي گواهي سوڀي گيانچندانيءَ جهڙو دانشور ڏئي سگهندو جنهن پنهنجي زندگي انقلاب جي نذر ڪئي آهي.

باقي مارٽن ليودر جو مٿي ذڪر ڪيل پهريون طريقو مون موکيءَ جي مٽ وانگر اِنهيءَ پَو کان ڪم نہ آندو آهي تہ متان سَري جي سُرک متارا ماري نہ وڃي.

هاڻي دنيا ڪافي بدلجي وئي آهي ۽ گورباچوف جهڙو رهبر بہ وٽيڪن (Vatican) وجي اُتي مذهبي قدرن (Religious Values) جي ساراهہ ڪري رهيو آهي. اِئين ٿو لڳي تہ انقلاب جا ستر سال تاريخ جي مال گاڏيءَ مان ڪنهن اُملهہ داڳيني وانگر ڪري پيا آهن. يورپ ۾ سال ١٩٨٩ع اشتراڪي نظام خلاف هڪ انقلاب وانگر آيو.

اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ سوشلزم دنيا جي سياسي تفڪر تي پنهنجو دائمي اثر ڇڏي چُڪي آهي. آخر يُنو، نهرو، ناصر، سوئيڪارنو ۽ نڪروما بہ تہ سوشلسٽ هيا ۽ اُهي پنهنجي عوام جي سوچ کي هڪ جٽادار موڙ ڏئي ويا آهن.اِن ۾ بہ شڪ نہ آهي تہ اسٽالن مارڪسزم-ليننزم کي اُهو ڪاپاري ڌڪ هنيو جهڙو نئپولين فرينچ انقلاب کي هنيو هو. اها بي ڳالهه آهي تہ صدر ميخائيل گورباچوف هاڻي

---

✽ وفا جو وعدو اِئين آهي جيئن پٿر هيٺان پاند اچي وڃي (فيض)

جي وچ ۾ پنجہ ڪشي ابدي آهي ۽ ڪنهن بہ سماج ۾ ختم نہ ٿيڻي آهي.

ماديت يا جدلي ماديت جي فلسفي کي شبي سان ڏسڻ يا اُن کان بنهہ انڪار ڪرڻ، ڪو بري کان چڱي تائين ۽ چڱي کان وڌيڪ چڱي تائين جدوجهد کان انڪار نہ آهي. دراصل جنهن بہ فلسفي ۾ انساني شخصيت ۽ اُن جي روحاني آزاديءَ کان انڪار آهي، جنهن بہ فلسفي ۾ تعصب ۽ انسان ذات لاءِ نفرت آهي، انسان جي برابريءَ کان نابري واري وئي آهي ۽ هن جي ذات کي قابلِ احترام نہ سمجهيو ويو آهي، مطلب تہ جنهن بہ فلسفي ۾، تصوف جي اصطلاح ۾ انسان کي ذاتِ خُداونديءَ جو پرتو نہ سمجهيو ويو آهي ۽ جمهور جي آواز کي قطعي نہ مڃيو ويو آهي، اهو فلسفو بنهہ رد ڪيو وڃي چو تہ ان مان نيٺ اسٽالن يا مائو جي اشتراڪيت يا نازي Weltan Schuung (پوري دنيا جي باري ۾ نقطہ نظر) وانگر فتني ۽ فتور کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو آهي. تصوف جي ترڪِ دنيا واري پهلوءَ کي مسترد ڪري، ٿورا فڪري تضاد پاسيرا رکي ڏسبو، تہ ايئن لڳندو تہ لاطيني آمريڪا جي مسيحي انقلابين جي جدوجهد ڪنهن حد تائين ساڳي دڳ تي هلي رهي آهي. رڳو هندو، عيسائي، صيهوني ۽ اسلامي بنياد پرست دنيا کي هڪ وبا جيئن وچڙي ويا آهن ۽ پيو تہ چڙيو، روس جي سمرقند، تاشقند ۽ ٻين شهرن تائين پنهنجون ڪارروايون ڪري رهيا آهن ۽ چين جي ڪاشغر ۽ ڪرگهيزيا تائين پنهنجا نظريا آڙ بڻائي، بغاوتون اُڀاري رهيا آهن. مان پانيان ٿو تہ مُورخ ٽوئن بي (Toynbee) پنهنجي تاريخ ۾ چيو آهي تہ هر تهذيب ۾ تخريب جا جراثيم آهن. (Seeds of Potential destruction) پر جي اشتراڪي معاشري ۾ بہ اهڙا جراثيم هُئا، تہ اهو ڪنهن کي معلوم نہ هو تہ اشتراڪيت پورو گول چڪر (Full circle) ڏئي موٽي آهي ۽ ستر سال ۾ اچي پنهنجيءَ تباهيءَ تي پهتي آهي. حيرت آهي تہ چائوشيسڪو جي قتل کانپوءِ رومانيا جي مِشن يو.اين (اقوام متحده) جي ٻاهران هڪ پوسٽر هنيو آهي تہ "اسان انقلاب جي خلاف شروعات کان وٺي وڙهي رهيا هياسين." ۽ رومانيا جي قومي جهنڊي تان هٿوڙو ۽ مترڪو گم ٿي چُڪا آهن. پراگ ۾ ناٽڪ نويس وئڪلاف هَئول (Vaclof Havel) لاءِ چيڪوسلويڪيا جو پريزيڊنٽ ٿيڻ جو ٻُڌي،

Gul Hayat Institute

مون کي شيليءَ جا لفظ ياد آيا ته "واقعي شاعر ئي دنيا جا قانون ساز آهن (Poets really are the legislators of the world)

مان ائين نه ٿو چوان ته دنيا جي هر حڪومت ڪنهن نه ڪنهن ناٽڪ نويس يا شاعر کي سُپرد ڪئي وڃي پر مان چوان ٿو ته هر قانون ساز اداري جي هر فرد لاءِ ضروري آهي ته هن کي هڪ ناٽڪ نويس يا شاعر جي دل هجي، جنهن ۾ انسان دوستي، آدميت جو احترام، حرص ۽ هَوَس کان بي نيازي، تشدد ۽ جبر لاءِ نفرت ۽ دنيا جي دولت ۽ اقتدار جي فنا پذيريءَ جو احساس هجي ۽ ان ڪري بقا جي تلاش ۽ اُنهن ذريعن جي جستجو هجي جي بقا جا حامل آهن. ويدانت ۾ اُن کي "ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار" جو تياڳ چيو ويو آهي.

ڪجهه گذريل سالن کان سامي (Semetic) مذهبن ۽ هندو، ٻُڌ ۽ جين مت جي مطالعي مون ۾ ڪيئي سوال اُڀاريا آهن جي زندگيءَ کان وڌيڪ موت سان تعلق رکن ٿا ۽ جِن ۽ جن جي ڪجهه جوابن جي گونج "اُبر چنڊ، پس پرين"، جي پوئين حصي ۾ آهي. هينئر جڏهن موت جي سرحد ويجهي اچي پهتي آهي تڏهن مون ۾ اهو احساس گهرو ٿي رهيو آهي ته اسان مان هر ڪنهن کي مرڻو آهي ۽ اُهي سڀ جن کي اسان پيار ڪيو آهي، يا ته مري چُڪا آهن. يا جلد يا دير سان مرڻا آهن. پر مون کي اڃا تائين معلوم نه آهي ته جڏهن انسان مري وڃي ٿو تڏهن هُن جو ڇا ٿئي ٿو؟ ڇا جسم جو موت شخصيت جو اختتام به آهي؟ يا شخصيت هڪ پاينده شعور جي حيثيت ۾ ابدي آهي؟ ڇا انسان نئون جنم وٺي ٿو؟ يا هُن کي پيهر جسمِ خاڪي نه ٿو ملي ۽ هُو هڪ روحاني جسم وجي رهي ٿو؟ ڇا موت کان پوءِ زمان ۽ مڪان جو سلسلو آهي؟ جي آهي ته مدام آهي يا عارضي آهي؟ ڇا شخصيت ڪنهن روحاني حقيقت ۾ مدغم ٿي وڃي ٿي جيئن بوند سمنڊ ۾ سمائجي ويندي آهي؟ ڇا اِن لاءِ (Eschatology) (جيڪي انت ۾ آهي، ان جو علم) يا (Pareschatology) (جيڪي موت کان پوءِ ۽ انت کان اڳ ۾ آهي، اُن جو علم) ۾ فرق ضروري آهي؟ ڇا آواگون (Transmigration of Souls) (Reincarnation) هڪ حقيقت آهي يا پُنر جنم هڪ حقيقت آهي يا ٻنهي ۾ ٿورو گهڻو سچ آهي؟ يا مورگو ڪيئي ڪائناتون

آهن ۽ روح جو ظهور ٻيءَ ڪنهن ڪائنات ۾ ٿئي ٿو؟ مون راتين جون راتيون جاڳي انهيءَ تي سوچيو آهي تہ ڇا انسان پنهنجا پراڻا ويس وڳا لاهي نوان ويس وڳا پائي ٿو؟ جي ها ، تہ ڪڏهن ڪان ۽ ڪيستائين؟ ڇا ڏک سک ، سونهن اسونهن ، ڀاڳ نڀاڳ لاءِ ڪوئي سبب آهي يا اهو رڳو اتفاقي آهي؟ اهو ڪيئن آهي تہ مون پهريون شعر تڏهن چيو جڏهن منهنجي عمر ڏهہ يارنهن ورهيہ هني ۽ اُن جو بحرو وزن لڳ ڀڳ پورو هُيو؟ ڇا هن زندگيءَ ڪان اول مون ڪي شاعريءَ سان واسطو رهيو آهي؟ منهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيڏا نہ منظر آيا آهن جن ڪي مون شعوري طور ڪڏهن بہ ڏٺو نہ آهي؟ جرمن موسيقار موزارٽ (Mozart) ائين ورهين جي عمر ۾ اهڙي موسيقي ڪيئن ڏني جو ڪُهنہ مشق موسيقار بہ هن ڪي ٻڌي حيران ٿي ويا؟ ڇا پهرينءَ نظر ۾ محبت يا نفرت جو جواز گذشتہ زندگيون آهن. ننڍون ڄايل ٻار ماءُ جو ٿڻ چوسي ٿو. ڇا اها جبلت (Instinct) هن ڪي اڳين زندگين مان ملي آهي؟ ڇا ماڻهو موت کَان ان ڪري ڊڄن ٿا جو اڳي بہ بار بار هو موت جي اذيت مان گذريا آهن؟ ڇا هن اپار ليلا ۾ ڪيئي جِيوَ آتمائون آهن؟ جي ها تہ هر جِيوَ آتما جو آتما سان ڪهڙو ناتو آهي ۽ اُن جو انت ڪهڙو آهي؟ ڇا هي چِتُ ۽ اچِتُ ، هيءَ پرڪرتي مايا جو حصو آهن؟ موڪش ڇا آهي؟ ۽ جي انت نروان ئي جنم جنم جي چڪر مان ڇوٽڪارو آهي تہ اُن ڇوٽڪاري لاءِ ايڏا هزارين جنم ڇا لاءِ؟ جي انت ڪائي "نانهہ" آهي تہ پوءِ هن جنم ۾ ئي موت اُنهيءَ "نانهہ" ۾ سمائي ڇڏي تہ ڪهڙي بُرائي آهي؟ ڇا هي سنسار بي معنيٰ آهي ، اُن ڪي ڪوئي مقصد نہ آهي؟ ڇا لنگَ شرير ✿ (Linga Sharira) هڪ حقيقت آهي؟ مون اِن تي بہ سوچيو آهي تہ انسان ذات ۾ هيءَ نروان لاءِ چاهنا ڇو آهي؟ مهاينا ٻوڌي مَت ۾ آفاقي پيارُ ، جو ٻوڌي ستوا جي سگهاريءَ ديو مالا ۾ رچي راس ٿيو ، ڇا ان ۾ دل ۽ دماغ جي روشنيءَ ۽ کَهل ۽ ٻاجهہ جو اهو تصور آهي جو پنهنجيءَ نرواڻ کي تيستائين ترسائي ٿو ، جيستائين پوريءَ انسان ذات کي نرواڻ جي دڳ لائي؟ ڇا هڪ انقلابيءَ جي ذهني ڪيفيت

---

✿ لنگَ- سرير جي اندر ڪا سوکيم شيءِ جا موت ناس نہ ٿو ڪري سگهي.

Gul Hayat Institute

ساڳي نہ آهي؟ جي آهي تہ پنهي جا ذريعا ڪيترا نہ مختلف آهن؟ ڇا تشدد وارا ذريعا مقصد کي نئي ڦيرائي نٿا ڇڏن؟ ڇا سامي مذهبن ۾ انسانجي خدمت جي ذريعي اجتماعي نجات (Corporate Salvation) جو تصور فقط اشتراڪي انقلاب جي نعري وانگر وجي رهيو آهي ۽ سچ پچ فرد جي نجات هن دنيا جي حرص و هوس کان مٿي اُبري فقط پنهنجيءَ شخصيت جي اصلاح ۾ آهي؟

مون سامي مذهبن جو ڪافي گهرو مطالعو ڪيو آهي، پر فساد خلق جي خوف کان، فقط ٻُڌ مت ۽ هندو مَت جي ڇنڊڇاڻ ڪري رهيو آهيان پر منهنجي شاعريءَ ۾ هر مذهب ۽ مت مان، ۽ هر فلسفي مان ڪيني سوال اُبري آيا آهن جي پنهنجا تضاد سلجهائڻ چاهن ٿا؟ مان اهو چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو تہ هن جيون جي ڇايا ٿورو وقت آهي ۽ ان ٿوري وقت ۾ انساني ڪارج کي اولين اهميت آهي پر بہ منهنجن ڪنن ۾ گوتم ٻُڌ جا لفظ گونجڻ لڳن ٿا.

"ڏسُ، ڪيئن سڀ شيون گذري ويون آهن، ناس ٿي ويون آهن، الوپ ٿي ويون آهن. ان ريت ساري جوڙ عارضي آهي بي اعتبار آهي. اِن ساري جوڙ سان ملي ڪک ٿي پنون ٿا، اِن سان ملي وچڙي وجون ٿا ۽ نيٺ سارا بندڻ ٽوڙي وجون ٿا."

شيڪسپيئر جي هڪ سانيٽ جون پهريون چار سٽون آهن:-

Like as the waves make towards the pebble shores,
So do our minutes has ten to their end,
Each changing place with that which goes before,
In sequent toil all forwards do contend.

(جيئن لهريون پٿرائينءَ ڪنڌيءَ ڏانهن وينديون آهن. ان ريت (اسان جي زندگيءَ جون) گهڙيون پنهنجي انت ڏانهن تيزيءَ سان وجي رهيون آهن.

هر ڪا (گهڙي) اُنهيءَ سان جاءِ بدلائي ٿي جا اُن کان اڳ گذري چُڪي آهي.

۽ اِهي (گهڙيون) سيني لڳاتار جاکوڙ ڪري وڌي رهيون آهن.)

ٻُڌمت ۾ انت (Anatta) جي مَتي تي مون ڪافي غور ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

ساڳيءَ طرح افلاطون (Plato) جي ڪتاب (Phaedo) ۾ ذڪر ڪيل روح جي پابندگيءَ تي بہ غور ڪيو آهي، جنهن کي ڪئٿولڪ چرچ ، ٿامس واري دينيات(Thomist Theology) ۾ اپنايو آهي. ان دينيات کي هر ڪنهن قبول نہ ڪيو آهي ۽ فلسفي مان سبب ڏئي اُن تي تنقيد بہ ڪئي آهي، ۽ اهڙي تنقيد خاص ڪري جرمن فلاسافر ڪانٽ ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح مون "دک" جي فلسفي تي بہ سوچيو آهي. پالي ٻوليءَ ۾ دک جي معنيٰ پيڙا آهي ۽ اُن جي فلسفيانہ معنيٰ "اڻ-خاطر خواهي" (Unsatis-factoriness) آهي ۽ ان ئي معنيٰ ۾ گوتم اِهو لفظ ڪم آندو آهي. اها زندگيءَ جي اڻ-خاطر خواهي اُن جي عارضي هجڻ سبب آهي. ٻُڌ جي چوائيءَ ، "جو بہ ڪِڻ ڀنگر آهي، اُهو دکم (پيڙا) آهي."

مون اِن تي بہ سوچيو آهي تہ جي ٻيو جنم آهي تہ ڇا انسان ٻيهر ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿئي ٿو؟ ڇا اڳين جنمن جي ياد کان سواءِ اُنهن ۾ اعتبار ممڪن آهي؟ ڇا موت اهڙو اوچتو جهٽڪو ٿو ڏئي جو ان ۾ اڳين جنم جي ياد کي ويسر واري ٿي ڇڏي؟ ڇا ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جن کي اڳين جنم جي ياد آهي؟ مون کي ١٩٦٢ع ۾ نارائڻ شيام ٻڌايو هو تہ اُها ڇوڪري هن سان گڏ نوڪري ڪندي آهي، جيڪا نندپڻ ۾ پنهنجي اڳين جنم جون ڳالهيون ڪندي هئي ۽ جا مهاتما گانديءَ کي اُتر پرديش ۾ پنهنجي اڳين جنم واري مڙس وٽ وٺي وئي هئي ۽ هن کي گهر مان اهو ڪجھ ڳولي ڏيکاريو هيائين جو سندس مڙس کي بہ معلوم نہ هو؟ ان باري ۾ خبرون اسان تڏهن پڙهندا هياسين جڏهن اسڪول ۾ هوندا هياسين. ڪجھ سال پوءِ ايم.اين.راءِ هڪ مضمون لکي، گانڌيءَ کي اُن ڳالهہ تي رد ڏنو هو. تناسخ جي باري ۾ جي تضاد آهن، مون اُنهن تي بہ سوچيو آهي ۽ اهي سڀ ڳالهيون جينيات (علم توالد وتناسل (Science of genetics) جي لحاظ کان ويچار ۾ آڻي ڏٺيون آهن.

شاعر ڪي فلسفي يا سائنس دان نہ هوندا آهن. هسپانوي-آمريڪي فلاسافر جارج سنتيانا (١٨٦٣ع کان ١٩٥٨ع تائين) ٽن فلسفي شاعرن ليوڪريشس (يوناني) ، ڊانٽي (اطالوي) ۽ گوئٽي (الماني) تي هڪ ڪتاب لکيو آهي ۽ اُن ۾ گوئٽي تي لکندي چيو اٿائين، "گوئٽي ذهين ترين انسان هو، ايترو ذهين جيترو هڪ فلسفي ٽيڪنيڪي

(technical) معنيٰ ۾ نہ ته ٿي سگهي. اهو صحيح آهي تہ هو پنهنجي ساري زندگي اِسپنوزا (Spinoza)- سترهين صديءَ ۾ (ائمسٽر ڊئم جو يهودي فلسفي) جو پوئلڳ هو ۽ هن کي فلسفي ۾ فطرت پست (Naturalist) ۽ وحدت الوجودي (Panthiest) چئي سگهجي ٿو. اسپنوزا جي پوئلڳي هن کي سوچ جي لچڪ ۽ پنهنجيءَ راءِ جي آزاديءَ کان وانجي نہ ٿي ڇڏي. هو اسپنوزا جو فطرت جو ميڪانڪي تصور قبول نہ ٿو ڪري. گهٽ ۾ گهٽ، اسپنوزا جي اُبتڙ، هو پاڻ جهڙن خاص حق ڏنل روحن (Privilaged souls) کي دائمي زندگيءَ جو حامل سمجهي ٿو. ٿورن لفظن ۾ چئجي تہ گوئٽي هڪ باترتيب (Systemetic) فلسفي نہ هو...... فيلسوفن کي اهلِ قلم تي اها برتري حاصل آهي تہ اُنهن جا ذهن، چاڪاڻ جو وڏيڪ باترتيب آهن، آسانيءَ سان پرچار ڪري سگهن ٿا، اُهي اثر تہ گهٽ پيدا ڪن ٿا، پر ٻجَ وڏيڪ ڇٽي وڃن ٿا......"

گوئٽي جي ڊراما "فائوسٽ" جي باري ۾ سنتيانا وڏيڪ لکي ٿو، "فائوسٽ بنيادي طور هڪ رومانوي نظم هو، جو ان لاءِ لکيو ويو هو تہ هڪ ڦلانتيءَ ۽ ڇنيءَ ڏات جو ڀرپور اظهار ڪري، دل کي جهنجهوڙي، ذهن کي تصور جي ڪارنيوال (Carnival) سان وائڙو ڪري، وندرائي، ٿرٿلائي ماٺهپو سيکاري، ۽ جي اسان اُنکي فلسفي جي نقطئہ نظر سان ڏسون، تہ اُن ۾ ڪيئي ڇوٽيون آهن، اندرجون سوجهيون آهن، اڌ-پڌريون، جي پنهنجيءَ فيلسوفائيءَ مراد ۾ اُنهيءَ سرڪاري سداچار کان وڏيڪ آهن، جو مصنف کي دير سان آيو هو."اڳتي هلي هو گوئٽي لاءِ چئي ٿو، "گوئٽي هڪ رومانوي شاعر آهي، هو نظم ۾ هڪ ناول نويس آهي، زندگيءَ جو فلسفي آهي- فلسفو، جنهن کي عمل، ياد ۽ خود ڪلامي (Soliloqui) اسان مان هر هڪ جي زندگيءَ ۾ پيش ڪن ٿا."

منهنجي شعر ۾ بہ فلسفي جي انهيءَ کان وڏيڪ اهميت نہ آهي. جيتوڻيڪ هن وقت تائين منهنجي گهڻي رغبت ماديت جي فلسفي سان رهي آهي، جنهن جو اظهار مون شاعريءَ ۾ بار بار ڪيو آهي. پر زندگيءَ جي هن موڙ تي، مون اُنهن حقيقتن تي گهرو سوچيو آهي جن کان مان اڪثر لنوائيندو رهيو آهيان ۽ مان ڀانيان ٿو تہ انهن حقيقتن کان لنوائڻ جو سبب، نہ رڳو منهنجي دؤر جو جديد سياسي فلسفو ۽ اُن جو

گهرو مطالعو هو، پر اهڙو لنوائڻ منهنجي رومانوي طبيعت جي منطقي تقاضا به هئي. اينئن آهي ته ما بعدالطبيعاتي (Meta physical) نقطه نظر ۾ ڦيري، منهنجي سياسي وابستگيءَ، قومي يا بين الاقواميءَ، ۾ خاص ڦيرو نه آندو آهي. مان اڃا تائين جارج بش ۽ مارگريٽ ٿيچر جي سياست ۽ اقتصاديت جو قائل نه آهيان. حق ۽ انصاف لاءِ جدوجهد ڪنهن الوهي حقيقت ۾ اعتبار جي منافي نه آهي. دراصل اهڙي حقيقت ۾ اعتبار نه رکڻو جدوجهد کي بامعنيٰ بڻائي ٿو پر ان کي وڌيڪ تيز ڪري ٿو ۽ پنهنجن آدرشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ موت کي به خوشيءَ سان قبول ڪرائي ٿو. غور سان ڏسجي ته ماديت جو نظريو ڪوئي اهڙو دليل نه ٿو آڇي ته ڇو ڪنهن آدرش لئه ڪنهن جي خوبصورت لب ور رخسار تان هٿ کڻجي، ۽ ڪڙاهه تي چوڏس جو چنڊ ڇڏي، رڻ ۾ رتوڇاڻ ٿجي! منهنجو سارو روحاني تجسُس ۽ ماديت جي قطعيت کان انڪار، سنڌ ۽ پوري انسان ذات جي ڏکي عوام سان منهنجي محبت ۽ اُن جي حمايت ۾ رتيءَ پر ڦيرو نه آندو آهي ۽ نه وري مُلن ۽ مشائخن جي قريب آندو آهي، جن جي پاڇي کان به مان ساري عمر دور رهيو آهيان. دراصل موت جي ناقابلِ فرار حقيقت، مون لاءِ پُسيون ۽ پيرون، پُوريون ۽ پَوِنتريون، پاٽياريون ۽ پنهواريون وڌيڪ پُراسرار ۽ بي معنيٰ بڻائي ڇڏيون آهن. هن ڪتاب جا پويان صفحا، بظاهر ڪانگهارن گوهن وانگر گهاٽا آهن پر غور سان ڏسبو ته اها ساري شاعري ماءُ جي ٿڃ وانگر لطيف ۽ زندگي بخش لڳندي.

مون هن شاعريءَ جي تخليق لاءِ ڪيترا پيرا ننڊ مان اُٿي فرانسيسي شاعر جيرارڊ دي نَروَل (Jerard de Nerval) وانگر سوچيو آهي ته "خواب ٻي زندگي آهي." (Dream is another life). ڪيترا پيرا مون اپالي نيئر جي انهيءَ سٽ تي سوچيو آهي ته "مان مينهن جي ڦڙيءَ وانگر ڪاري پاڻيءَ تي ڪري، اُن ڪاري پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويندس، ۽ پوءِ پنهنجي واهيات وايو منڊل تي سوچي، اُن سان مُندو اٽڪايو آهي. اينئن ٿو لڳي ته منهنجي شاعريءَ ۾ غيبت ۽ حضور واري ڪيفيت رهي آهي. مان ڪڏهن پاڻ کان غائب آهيان ۽ ڪنهن ازلي حقيقت اڳيان حاضر آهيان ۽ ڪڏهن اُن ازلي حقيقت کان غائب آهيان ۽ پاڻ اڳيان حاضر آهيان. ويجهڙائيءَ ۾ مون محسوس ڪيو آهي ته رات جي وقت

Gul Hayat Institute

اُجين ۾؛ پن چڪي ڏسي مان ايترو مضطرب ٿي ويو هوس. مون کي اينئن لڳو تہ مان ڪيئي پيرا اڳ هتي آيو آهيان. ڄڻ تہ اهي تصويرون مُنهنجون نڪتل آهن!

جڏهن مونکي لنڊن ڏانهن ڪار ۾ ٿي آياسين تہ اُهو منظر هڪ اجنبي سُراغ رسان وانگر منهنجو پيڇو ڪري رهيو هو.

ڪراچيءَ موٽي مون هي ڪتاب ٻن مهينن ۾ لکيو. هن کان اڳ ۾ مون "الوداعي گيت" لکيا ها جي هاڻي "سهڻي" رسالي جي شيخ اياز نمبر ۾ ڇپيا آهن. جا بہ حقيقت مون کي هلائي رهي آهي، مون اُن جو اِن لاءِ ٿورو مجبور تہ اُن مون کي شاعري لاءِ هڪ بيو بہ وجهہ ڏنو آهي، پر جيڪي مان چوڻ ٿو چاهيان، اُهو جنيوا ۾ Cern ✽ جي تجربي گاهہ وانگر آهي، جو تمام ٿوريءَ جَهَتَ لاءِ، سج جي گرميءَ کان چار سَوَ مليڻ پيرا وڌيڪ گرمي پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ نئين مادي جي تخليق بہ ڪري رهيو آهي پر في الحال اهڙي شاعري منهنجي مُٺ مان ترڪي ٿي وڃي. نيٺ تہ اُها منهنجي اظهار جي گرفت ۾ ايندي! مان ڄاڻان ٿو تہ اِها آس مان هن جنم ۾ پوري ڪري نہ سگهندس. پر جي مون کي ان لاءِ چوراسي لک ڦيرا ڏيڻا پيا، تہ ڏيندس. في الحال تہ مون کي (Phoenix) (ققنس) وانگر نئين زندگي ملي آهي ۽ هن جنم ۾ ئي پنهنجيءَ رک مان اُڀري آيو آهيان.

**شيخ اياز**

٢٨ اپريل ١٩٩٠ع

Gul Hayat Institute

---

✽ Cern جي تجربي گاهہ تي معلومات لاءِ ١٦ اپريل ١٩٩٠ع جي آمريڪي هفتي وار ٽائيم جا ٢٦ کان وٺي ٤٢ تائين صفحا پڙهيا وڃن.

Gul Hayat Institute

# ڀلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٠ | ٢٣ | ڪائنسل | ڪائونسل |
| ١٢ | ٨ | موڙي | موڙ |
| ١٢ | ٢٢ | هڪ | هي |
| ١۴ | ۷ | حرس | حرص |
| ١٦ | ١٣ | ۔ | :- |
| ١٦ | ٢٠ | has ten | hasten |
| ١۷ | ٢ | پابندگي | پايندگي |
| ١٩ | ١١ | لب ور رخسار | لب و رخسار |
| ٢٠ | ٨ | ۾ ڪيٽريون | ڪيٽريون |
| ٨٥ | ٦ | آئٽ | آئٽُ |
| ١٥٣ | ٢ | هيءَ جي | هيءَ جا |
| ١٥۷ | ٣ | جهانء | جهانء ۾ |
| ١٥٩ | ٣ | پارائيون | پارايون |
| ١٦۷ | ۴ | پائين | پائين |
| ١٨٢ | ٩ | مان | تو |
| ١٩٦ | ١ | ڪندينءَ | ڪندين |
| ٢٢٦ | ٣ | تر | تر |
| ٢٢٩ | ٦ | آs | آنءَ |

Gul Hayat Institute

بیتَ

Gul Hayat Institute

بـنـا آئيـنـي، ڏسيـن پئي پاڻَ کي،
ڇـا مُنهنجـي سيني، تو ڪي پاڻُ پَسائيو؟

هـيءَ چانـدوڪي ڇيتَ جي اَجائي ناهي،
اَمـرتا آهي، تُنهنجـي منهنجي پيارَ ڪي.

آڙي جِئن اُڏرِي وجهـي پاڻيءَ تي پاڇو،
مُنهنجي مَن تي تو تُنهنجو پاڇائون پوي.

تُنهنجيءَ چوليءَ جا پرين ڪولي مون بيڙا،
صدين اوسيڙا لاٿا تُنهنجي ڪِن مان.

Gul Hayat Institute

آئـــي آنـهـ تـ ويـهـ لاهـِـي پنهنـجـي پانڌٽي،
مُنهنـجـي ٻُنيِي پيهـ اَڄ بہ ڪُنواريءَ وانگيان.

ســاجُـهـر سويري ڪڏهن تـو سان مان نـ اُٿـان،
مُـنـهـنجـــي نِـندَ متان اکيـون اورانگهي وجي!

آئــونُ تـ هـان تـو لاءِ ڪـنهـن سَپني جو سَپنو،
پــر مــون کي پنهنجو تُنهنجِي جاڳَ جڏهن ڪَري!

تــوکي يـاد ڪيـان ڪيسين ٿـڏي ساهہ سان،
تــون جـا ڏرتـيءَ ڪان ڏُور وئـينءَ آڪـاس ۾؟

Gul Hayat Institute

جتي بادلَ بُــرج اُتي تــون آهــين ڪــٿـــي؟
تــو ليءَ مُنهنجــي گـهُرج ڏونگرَ ڏوري پُونءِ تي.

تــون جـا چَنڊ جِيان، تـو مان پيالا پريت جا،
پيــو روزُ پــِيان، اُڃ اُجهــِي ئــي ڪـا نـہ تي.

اجــا آهيــن ٻِـي، تــوڙي مُـنهنجــي ٻَــڪ ۾،
تون جا مُنهنجي تِي مون ڪي ڏارِي تِي لڳين.

جَــڻ ڪــوئي آواز ســـپ ڪان اُيــري تو مَتي،
آهــي ڪنهــن جــي پيار ۾ راڳِي تُنهنجو رازُ،
سُــر ڪان ســوا ســازُ وڃِــي وڄنــدو ڪيترو!

Gul Hayat Institute

هي جي چڳوُن رانئيوُن رَت سان ساري راتِ،
مُنهنجي نيڻن مَان وسِي ڏوئي تي برسات،
تون ڇا ڄاڻين تات جيڪا مُنهنجي تانگهہَ ۾.

تون ٻہ تہ روئين تِي ٻاهر ڪاريءَ ٻاٽ ۾،
ڇا ڪَي ڏوئين تِي من تان ايڏي مينهَن ۾!

صدين کان سينڌو هُيس جڻ تُنهنجو آئوُن،
تُنهنجون صدائوُن آيون تي آغوش مان.

هوءَ خالي ڪوٺِي هيءَ چانڊوڪي پِٽ تي،
ڳولي تي ڳوٺِي توکي، تون ويندو رهَين!

Gul Hayat Institute

اَڪِ ملي اَڙِجي وِچِ اِئين ڪوهه ٿئي،
کَڙِجي لوهه ٿئي، ماڻهو ماڻهوءَ ڀَڪ ۾.

اَڪِ ملي، اَڙِجي وِچِ ڪنهن سان پنهنجو پاڻ،
شايد جاڻ سُڃاڻ ڪا ڏورانهين ڏيهه جي!

مون کي جاڻ سُڃاڻ جِن ڏِسندي ڏنا ئون،
اَنڪايون آئون ڪالهه جِئين توسان اَکيون.

جَڻ مون مان ٿي ڪا اَچي اڳئين جنم جي رَڙِ،
مون کي اِئين نه تڙ جي مان توڏي گهوريان!

Gul Hayat Institute

توُن مان هوندا سين هَرَڻُ ۽ هَرڻي اڳي،
توُن جا دُور پيچين جڻ مون اکيان رُڃَ ۾.

پهرئين پيري جيءَ ۾ ڪُپي ڪيئن وَئين؟
جَڻ مون پاندِ پئين، ورهيه سپ واري ڪَري.

توکي عُمر هَپائيو تون ته اڳي جئن نانهه!
ڪائي پو به اڳانهِن سَرتي! تُنهنجي سونهن ۾.

پيارُ نه پوڙهو تو تئي پوڙهو تئي تو پاپُ،
ورهين ليءِ وَر لاپُ ساڳي پيڙا پيارَ جي.

Gul Hayat Institute

پرڏيهي ڏيهي وڏو تو جو بيهر ٻَکُ،
مُنهنجو مَنُ موڪُ پيهي ويو پڇتاوَ ۾.

مُنهنجي وارَن تي هُيا چڻ تہ هوا جا هَٿَ!
آڌيءَ رات اَڪٽَ سُپنا تُنهنجا ساهہ ۾.

باهہ وِڏو ياڪُر ڪا ڄَر ڄرڪائي وئي،
مُنهنجي "مونِ" ۾ تو ٻَري چڻ ڪو آدي سُر،
آ ڪيڏي هُر ڪُر تنهنجي اِن آواز ۾!

ڪنهن ڪوٺيو، ڪنهن ڏي وڃان سَڏُ نہ ڏئي ڪو،
ڇا آهي ڏوڪو، جيڏيون! ساري جندڙي؟

Gul Hayat Institute

توهَر ڪَندا ڪيترا مون ۾ جئن سارُون،
ڪنهن کي ميارُون، ڏَئِي ڏِين ڪينڪي.

❁ جئن ٿو هر تي ماڪَ، تئن مون تُنهنجون سمرتيون،
ڇِڪيا مُنهنجا چاڪَ توکي ساري سُپرين!

او هرٽيءَ جهڙيون اکيون مون کي اِئن نه تَڪيو!
وڃي ڏيلُ ڏکيو وارياسي جي واٽَ تي.

هيءَ جا آهي باهڙِي اِن جي چوڏارِي،
ڳالهه پرينءَ سان رَبَ جي ڪيڏي آ پياري!
گهر ڪان ناهي گهٽگهرِي هيءَ دنيا سارِي،
وارِي ئي وارِي اُن ڪان ٻاهر وَستيون!

❁ سِمرتيون – يادگيريون

Gul Hayat Institute

اَڇُوتي آهي ايا تُنهنجي جِندڙي،
مون توکي چاهي کو پاڇو اپنائيو!

ڇا توکي اڏرات اُڀُ لڳي تو آرسي؟
توکان کائي مات چَنڊُ ڇُپِي ويو ڇيتَ جو!

پوئين وير اَڇِي وئِي مون کي ڇاتيءَ لاءِ،
ڏرتيءَ کي شرماءِ جنهن مون کي توکان ڇنو.

تُنهنجون اکيون ماکَ جئن ٿَڌيون ٿانهريون،
توکان پو بہ تِيون ڏيرج مون ليءِ ڏُنڌَ مِ.

Gul Hayat Institute

هِيءَ جا جهنگَ سيال جِي سا بہ تہ تُنهنجِي آهہِ،
تون رانجهو تي چاهِ هيءَ اگيئِي هَنجَ ﷲ .

هيءَ جاهوُنءَ تہ وَل بانهوُن وجهي کَنڌ ﷲ،
اِنَ سان ڳجهہ نہ سَلِ، پڌر پوندي ڳالهڙي.

مان ئي آهيان اوڙکون مان ئي سارو ميِنهنُ،
پوءِ بہ توسان نينهُن، مُنهنجو سانوڻَ سِجَ جان.

ٻاهر اُتَر- سيڙهيون چَڙهي پئي واءُ،
ڪڏهن اَندر آءُ مون وڻ جهيڻي ٻاهڙِي.

Gul Hayat Institute

ڪاوڙ ۾ تون ڪامڻي ڏيندي وَئين ۽ وينَ،
مُنهنجا پِنَل نينَ، ڇَو تو ڏٺَا ڪينڪي؟

مان پورو پڇتاءُ ڏس، ڳولي مُنهنجُون اکيون!
جڻ پنهنجو هر گهاءُ آهيان آنءُ نِهارَ ۾.

ائين نہ اکڻ ليٽُ چَندُ پيو توکي تَڪي،
تون جو ڪوئي بيٽُ نَبَ جي نيري سَمندَ ۾.

تون ائن جئن وهندي ندي َمان جئن ڪَنڌيءَ ڪانهُن،
آئي آن مون ڏانهن تون پر ڏاڍيءَ دير سان.

Gul Hayat Institute

ڪڏهن نيڻ گلاب جئن ڪن ليءِ کڙن ٿا،
روئي ٽڙن ٿا توکي ساري سُپرين!

اِن ۾ پنهنجو اولڙو تو ٿي پسايو،
تو ڇو ٽُڪرايو ڀوري، ڀڳءِ دَرسني؟

تو سان پيارُ ٿيُّي ويو تو بن عجب ڏيرُ!
جڻ ڪوئي زنجيرُ مُنهنجي من تان ويو لهي.

ڪيڏو ڏک پاتو آهي مون توسان ملي!
پَلُ پَلُ پاراتو ٿُنهنجي مُنهنجي پريتڙي!

Gul Hayat Institute

هيءَ جا تُنهنجي بي رُخي اُنهيءَ جو افسوسُ،
هُونءَ تہ وَهيءَ سوسُ پليو هُيو پيارَ ڪان.

ڇا ڇا ڇَپَ ڇَپِيِ سَگهن ڪِلي ڏنائون،
پرين ۾ آئُونءَ وچ ۾ ڪيئي ٿهڪڙا.

* آيا مُنهنجي ساز ۾ ڪيڏا سَرتين سَنگَ،
جئن جَرهيڙيءَ رَنگ آرهڙ جي آڪاسَ ۾.

جِيئين ٿَرَ تي مينهن ۾ اُس ڪري ٿي تاءُ،
اِيئين تو ۾ ساءُ ٿريچاڻي ٿانهِري!

Gul Hayat Institute

* جرهيڙي – چنڊ جي چوڌاري پڙِي

ايڏا جويَن ڏينهڙا ڪٿي هُئين، توُن؟
ڪيڏيون ڏِنئه مون اوجاڳي جون راتڙيون!

ڪنهن ڄاتو تي تون ايندين، مون ڏي اوچتو!
پِرندي تون سان پوُن پُرندين، ايڏو ٻاهران.

جيڪِي آهي پيارَ ۾ نفرت ۾ ناهي،
مون توکي چاهي ڇا ڇا ساهَ سَمائيو!

ڪلهه مون توکي ننڊ ۾ ڪيڏو ڪَيو پيارُ،
ڄڻ سارو سنسارُ مُنهنجي ساهَ سَمائيو!

Gul Hayat Institute

هيءُ تہ سَپنو هو جي تون ساپيا ۾ هُجين،
مان توکي ڪيڏو جيڪر ساهہَ سَمائيان!

تُنهنجا تورا ڪئن لهن مون وٽ سِجُ نہ چَنڊُ،
نہ هي مُنهنجو مَنڊُ جو توکي جهولَيءَ وجهان!

توُن جا سُرياتون ڪرين مون سان آهين ڪيرَ؟
چيا مون پُٺ تان پيرَ تُنهنجا ايندا ڪينڪي.

چُمي تُنهنجون آڱريون تُنهنجيءَ ڏستيءَ ڪي،
ڪَتيءَ ڏي موڙي چيو، 'آنءُ وچان پيو'.

Gul Hayat Institute

تون جا پنهنجا چَپَ مون تائين آهين پئي،
ڇا تون منّيءَ لپَ آهين ماٺهوءَ روُپَ ۾ ؟

چَپَ اگر ٽيندا منّي چُميون هونديون ڪٿ؟
ڇا ڪا آهي وِٿ موُتَ جياپي وِچ ۾ ؟

تو ليءِ ساڳيو آنءُ توڙي ساڳو ناهيان،
توکي مُنهنجو نانءُ اِئن ڇو لڳو اجنبي!

ڇهرو ويو گُهنجي اچيرا تيا وارَ،
پوءِ بہ تُنهنجي، پيارَ! لوڏَ لڪائي مُون پَريان.

Gul Hayat Institute

جيئـيـن سـانـوڻ جا ڪَڪر ڦسي پَئينءَ ايئَن،
ايـڏا ڳـوڙهـا ڪـيـئَـن، سـانـديَا هُـيئَـ ساهَ ۾ ؟

پـريـنءَ سان پل لاءِ تـون مُنهنجا ڪِيپَ ڪلي،
مِـلَـڻ ڪـاڻِ مِـلي ورِي ڇـو وِڇـڙي وَئِـيـن؟

تـون جا مُـنهـنجـي سَـڏَ جـو پَڙاڏو آهـيـن،
مـوُن ڪـي تـي چاهـين، مان جو تو ۾ تـو ٻُران!

گـهـايَـل هَـرڻيءَ جـيـئَـن تو مون ڪي وراٿـيو،
مـون تـہ اجـا تـاڻـيـو، ناهي ڪـانُ ڪَمانَ ۾!

Gul Hayat Institute

تالهيءَ هيٺان ٿورَ وسِري وسري ڪينڪي،
پاڇاوان لاهورَ مون تي تُنهنجي پيارَ جا.

آهي اڳ وانگر اڃا مون ۾ تُنهنجي گونُجَ،
او پرديسي ڪُونجَ اَڄ تون ڪهڙي پارَ تي؟

ٻَتي وسائِي، تو سان گهرُ روشن ڪَيان!
توکي ڳرَ لائي، واريان ساريءَ سوچَ کي!

ڪُونجون ڪَرڪن روهَ تي ڪٿي آهين تون؟
توکي ڳولي مون ڪيڏا پنڌَ پُڇائيا!

Gul Hayat Institute

ڪُـهـ جـاٺـان سنسـار ۾ ڪَهـڙي رنَ ڪاهنِ،
اَڻ - جـاتـل آهـن تُنهنجوُن هرٽيءَ جئن اڪيونَ!

مـون لَـئہ ڪنهن پيونچال جئن اڄُ بہ آهين تون،
مـان سـاريـڪيِ پُـون تُون جئن هيٺان هاڪڙو.

هـِي جـي رهـيـا راتـڙي پـرهہ ويـنـدا پـارِ،
تِـن سـان جَـهـت گُـدارِ جيسين سِيڪنِ باهڙي!

هـيـٺـان سُورجِ تِـرورا مـٿـان مُـرغـابـيـون،
منهـوڙيِ جُـون تَـوُن سـاروُن ساريندين گهٽو!

Gul Hayat Institute

مَتان پائين سَمنڊَ تي سدا هوندين تون!
لهريون ۽ لانچون توکي سارينديون گهڻو.

اَڃو پَکي واءُ ۾ کوئِي اَڻ- سُونهون،
اِسٽيمر دونهون کاري ککر وانگيان!

پريان پکيّ واءُ ۾ پَرڙا هڻِي تو،
کيڏو وَڻِي تو پاڻِيءَ تي پوپَٽ جيان!

لانچَ وچي تي سَمنڊَ مان ٻنهي پاسي گج،
تَر جون پِنّون ٻَج جيئِين ڏَڻَ ڏَراڙ سان.

Gul Hayat Institute

❁ سانجهي ميرانجهي ڏسي، ڪَنيُو بمبوءَ تان،
ڪاڏي، ڪُهہ جاٺان اُڏري ويو اوچتو!

اَڄ نہ چيٽِي چَنڊَ جو ميلو منهوڙي،
چا چا تو بوڙي سَمنڊُ سمائي پاڻ ۾!

۞ آڏيءَ رات اُماس ۾ مَڇي لُوٽائين -
متان اِئن پائين ڪاريءَ چَنڊُ سمائيو!

❃ هن جي ڏاڙهي ايئَن جئن تَمرُ ڪارِيءَ تي،
❄ وينو واريءَ تي وڏي سُوئا مڇيون!

Gul Hayat Institute

❁ ڪَنيُو - پاڻيءَ جو هڪ پکي
۞ لوٽائين - لوڻُ لڳائي سُڪلَ
❃ تمر - سمنڊ جي ڪارين پرسان اُپرندڙ گاهہ
❖ سُوئا - مڇيءَ جو قسم

هيءَ سلوڻي شامَ، توسان مُنهنجي بُمبئي!
ڪَراچيءَ وسرامَ، جنهن ڪي سارينداگهڻو.

منهوڙي تي ڪيترو انسانن اُنبوهہ،
سَمنڊَ نہ ڪنهن سان موهُ سَبَ ڪي ڳرڪائي وڃي!

چَنڊُ لڳَن تا ٻيجَ جو مون ڪي هُن جا چَپَ،
ڪرنافليءَ ڪَپِ، پَر تي چَڪما سُندري. ❁

سِجُ لهي سانجهي تيو شارع فيصل تي، ۞
سِجُ پَچُ سوني ڪي ڪنهن ٻہ نہ ڏٺو شهر ۾!

Gul Hayat Institute

❁ ڪرنافلي - چاٽگام ۾ وهندڙ هڪ ندي.
۞ شارع فيصل - ڪراچيءَ جي هڪ سڙڪ.

* تون ڪينٽيءَ جي ڪونجَ، تون ڪٿِن ميٽروپولَ ۾ !
چڻ ساري لاٽُونج تو ڏي مُنهن ڦيري ڏٺو!

ماٺهو تُنهنجو مُل ڏيئي ڏِينِدا ڪيترو!
ٿاهيو تولَئہ تُل آهي ڪَنهن آڪاس ۾ .

مّتان پنهنجو هَٿُ ڦهلائين ڪنهن جي اڳيان!
پنهنجو اَنتُ اَڪَٿُ مايا سان ماپي ڏسين!

ڪيسين پنکَ پتوڙَ پنجي، تنهنجي واءُ ۾!
توکي ڇاجي لوڙَ جنهن لِيءَ اُڏِرين ايترو؟

Gul Hayat Institute

* ميٽرو پول - ڪراچيءَ جو هڪ هوٽل.

❁ ڏوئَل پَر ڦَڙڪن پيا ٿُٻرڪا ڏيئي،
۞ ويئِي ڙِي ويئي مچِي چائي چُنج ۾.

توڪان سَوا هيئَن ڪنَٻ هجن ها مورَ جا،
جيڪي جادوءَ جيئَن ڦهليا ميگهه ملار ۾!

هَر هَر هو هُدهُد ڪيسين ٽاريءَ تي ڏسان!
سُونهن ڏسِي سُڌ ٻُڌ مون ڪَان سڀ وسري وئي!

ڪيئَن نه ڪَنديءَ ڪامَ سان بيٺو ڳل لائي!
اِن سَان ا لائبي جو آ چَندُ هُجائتو؟

Gul Hayat Institute

❖ ڏوئل – سمنڊ جو هڪ پکي.
◆ چُنج – چُهبب.

مون چاهيو خوشبو ڏسان ڪافي ناهه گُلابُ،
ڇا تون مُنهنجو خوابُ پورو ڪندينءَ جيئري؟

جي هُو ڪولي پنڪڙيون جڻ هوُ مُنهنجو مَن،
ڪيڏي نہ پُورَن آ دائوديءَ دَرسني!*

سانجهي تي آهي ٿيمز نديءَ تي،
فرق تہ ڪو ناهي جتي سِجُ بُڏي وڃي!

ماڻ ٿيمز تي ڏنڊ مِراچِي عُمر پُگِي،✿
هاڻي رات رِڪِي ڏوُرانهون ڏسجي پئي.

Gul Hayat Institute

* درسني – آئينو

✿ ٿيمز – ندي جا لنڊن شهر مان وهندي آهي.

منهوڙي لاچُونِ جن ساپيا جئن سهڙيون،
پر جي تا جاچُونِ سي سپ سپنا سمنڊ جا.

جَر کي جهونا تو ڏئي جن هي سارو مَنڊُ،
پينگهه لُڏي تو چَنڊُ ساري رات سمونڊ ۾!

۞ اکَ ئي چورين ريپڙيونِ گهَگهَن مان گهورن،
مون کي ڏسي تِن- ويتر ڳانَ اُيا کيا.

سارينده سنگهارَ، لَڏيائونِ جي لوءِ مان،
جُندا پَٽي چارَ تِن کي ڳوليندءُ گهٽو.

Gul Hayat Institute

---

۞ ريپڙي – متيري کانَ وڏو، متيري جي جنس جو ڦل.

* ساموهون جا آڪاس جي سوجهرڙي ۾ چانهہ،
ڇا کو چوندو، 'آنهہ' اُن جي نيرِيءَ 'تانهہ' کي!

هِيءَ جا ڳاڙهي ڳاٿِ آ ٿَر جي ريتيءَ تي،
ڇا ڪي سِجَ لَتي لَڪائي تي لُونءَ ۾ ؟

آنءُ سِرنگهوءَ جيئَن هاٿي آهيان تاڪئُون،
ڪنهن جاتو هو هِيئَن وارينديِ مون کي وَهِي!

ترڙ تي ايِئين نينگريوُن تڙِي تَهہ تَهہ کَن،
مورازِيون مَهڪن جيئين سانوڻ مينهَن ۾.

Gul Hayat Institute

---

* چانهہ – هڪ پکي جنهن کي نيرڙا پَر ٿيندا آهن.
* سِرنگهو – ٿر جو هڪ وڻ جنهنجون ٽاريون ٽاڪيون ٿينديون آهن.
* مورازِيون – ٿر جون ڪي وليون

جئن توهر جون چونيون لَڳن سِڄَ لتي،
وَرنديِ واهَڻ ڏي سَرَ تان تِئن سنگهاريون!

کهڙيون ٻاتيون تو ڪَيان ساريون راتيونُ مان،
ٻارنهن ماسيءَ سان ٻَلهاريءَ آڪاس ۾! *

سانجهيءَ ٻاڇا سانورا، پيلو روهيڙو،
مارو گَهرَ- پيِڙوءِسوريِ پيو مونگهڙو. *

ڏُرڪِين پيو ڏارَ ۾ چاڙهَ مٿان ناهين،
ڏيِ، جِيِ تون چاهِين چُمي پوئين سِڄَ کَي!

Gul Hayat Institute

---

* ٻلهاري – رِڻ پرسان زمين جو هڪ حصو
* مونگهڙو – ڪانين جو ڳلو

چرڪي هن تي سوچيو، "باهه ته ناهي ڳهٽ؟"
ڪُنير آويءَ وٽ جاڳي ڪناٽي راتڙي.

ڏسُ هي ڪونجون، ويلٽيون، پاٽيون ڪُنيرَ هٽ*،
ءِ هي پدر پٽ سپنا سارا چنڊ جا!

توکي سر ڏوٽي بُڌان تون اِئن تو چاهين؟
تون جو ساراهين مون وٽ ريجهل شاه** کي!

پويان ڪُتا ڏپڙيا*** ڪيڏا سهڙ ڪَڍَ!
جن ڪا جيئڻ اڏي نرڪائي تي موت ڪي!

Gul Hayat Institute

* ڪونجون، ويلٽيون، پاٽيون - ڪنيرن جا ناهيل ڪجهه نڪرن جا ٽانوَ.
** ريجهل شاه - سنڌ جو عوامي شاعر
*** ڏپڙياڪُتا - ڪُتا جن کي شڪار جي ڏپ اچي

نُنهَن ڪُجهه رَبَّ رَڏي پئي، خالي پاٽوڙو،
۽ سَهرو ٻوڙو ڳالهيون ٻُڪئي پيٽ جون!

پاڻيءَ پاٽيون ولهه ۾، مَٽان جن پارو،
وانديون، وسڪارو اُترُ اوتون ٿو ڪَري.

سَگهه ڏني ڪُجهه سيءَ ۾هن کي ڪوسي ڪِرنگهَ *
ڪُجهه آويءَ جي سِرنگهَ جنهن ۾ٻارڻُ ٿو ٻَري.

وِڏيون چَندَ تلاوَ تي پويون پرچايون،
ڇا ٿو سوچين تون، نِوڙِي اُن جي نيرَ تي؟

* ڪِرنگهه - اُن جو قسم جو ٻهراڙيءَ ۾ ڪائيندا آهن.

Gul Hayat Institute

جن ڪي پَکيءَ پيرَ اَج ڌرتيءَ تي وائڙا،
اُڏري تي آڪاس ۾ هيءَ ڪويتا ڪيرَ،
آهن پِنيءَ پيرَ هيرون جنهن جي هنج ۾ ؟

سَپنا ساري رات جِرڪن مُنهنجيءَ جاڳَ ۾،
جيسين تي پريات مون کي ننڊَ نه آئڙي.

آڌيءَ جو آڪاس ۾ تارا ٽِم ٽم ڪَن،
تيسين رم جهم ڪَن جيسين ٿَر تي راتڙي.

هن ڌرتيءَ کان دُور بادل جت بيهن نه ٿا،
اُتِ پهچي مون پُورُ آچي مونَ کي آچپو.

Gul Hayat Institute

ڀـهـراڙيءَ ۾ تـو ٻُـڏي سَـر ۾ سـوُرج جيئَـن،
تـو پـڻ مـون ۾ تـيِـئَـن سـهـسين رنگَ سَمَائيا.

سـانـجـهـيءَ ويـرا، واءُ ۾ جـوئـر سـونـا سنگَ،
تـن ۾ ڪـيـڏا رنـگَ لـهـنـدي سِـجَ سـمـائيا!

ٽـانـگـرِ مـٿان مـاڪَ جهونجهڪڙي جي جيءَ ۾ ،
جنـهـن تـي تُـنـهنجـي تـاڪَ تـارن ڀـرِي راتڙي.

ڪـا بــہ نـہ تُنهنجي آد آ ڪو بہ نہ تنهنجو اَنتُ،
آهـيـن جــڻ تــہ اَنـنـتُ اوگـنـگا آڪـاش جــي!

Gul Hayat Institute

مون کان ڪَتيءَ مينهن جون وڄون وسرن ڪيئَن؟
تو بہ تہ مون تي اِيئَن اُبيَ وَسايا اوچتو.

هُو جو نيري نَڀ ۾ چِمڪي پيو چَنڊُ،
تنهن سان سارو مَنڊُ آهي ڪيڏو موهڻو!

سَرن پُٺ تان لاشُ، ڪنهن جو آيو سير مان؟
چَنڊُ وڏو بدمعاشُ، جنهن کي ڪِلي ٿَو ڏسي.

سورج مُڪيءَ کي، مون اڄ شرمائي چيو
"ڇو تون سانجهيءَ ڏي ڪَنڌُ جُهڪائِي تو ڏسين؟"

Gul Hayat Institute

منجهان لوڏ لڪائيا واريءَ تي پيرا،
ساٿي سويرا تُوڙي وَسنو واريا.

ڪَڪر جي ڪاراڻ مان ڪا شيءِ چَنڊَ مُکي،
مُنهنجو ڪَنڌُ جُهڪي گسي پِيو ڳاهَه سان.

آهي تورا ڏِينهڙا هيءَ بهاريءَ بود،
نيٺ تہ ڏرتيءَ گود توکي موٽائي وٺي!

آهي بيڙيءَ وانگيان هو چوڏهينءَ جو چَنڊُ،
گهوري جنهن ڏي مَنڊُ تو جڻ نيري سَمنڊَ ۾!

Gul Hayat Institute

ڪيڏا مون مَهمان جَڻ تہ ستارا لانِ ۾،
سڀ آپي ۾ اوپرا سيڪنهن پنهنجي آنَ،
اَلا! هي انسانَ آخر تائين اجنبي!

ميناڻين آڪاش جو سَرَ تي شفقِ رَنگُ،
سارا چترڪار ها اُن ڪي ڏسي دنگُ،
جڻ ڪنهن وڇوڙي ڏَنگُ تِن ڪي هنيو ڏاهَ ۾!

پُوريون ڳرَ لايو، پُسبيءَ جي ڳاڙهاڻ ڪي!
دُور افق مان اوچتو، سنيهو آيو،
اَڄ مون ڪي چايو، بادل ويندا پوَڻءِ تان.

ڪُوڪو، ڪُوڪو ڪويَليون وڃان پيو آنءُ،
جنهن جوڙ هو تِرتاڻءُ اڄ تائين آواز ۾.

Gul Hayat Institute

هُـڙيا هـوُنـگـاريـو، پـانـڊي پَـسـي پـٽـڊ ۾،
جنـهـن سيـکـجهـ واريو، تر جي ٽَڏيءَ ريت تي.

ٻُـڏيءَ سُـڏيءَ ڳالـهڙيءَ منهنجـو نـ ويسـاهُ،
تُنهنجـو منهنجـو نـاهُ سانجهيءَ آندو سَمنڊ تي.

هـيءَ ساري سُـرباٽَ چؤياريءَ ۾ چُـلهـ تـي،
آهَـي امـر لاٽَ کـيـڏيءَ کـاريءَ بـاٽَ ۾!

رَتـي آهـي راتـڙي جَـرکـي آهـي بـاکَ،
جئـن مون لـوئـيءَ لاکَ جيڏيون آهي جيءَ تي.

Gul Hayat Institute

ڦلواڙيءَ تي باڪَ مِ ٽانگر مٽان ماڪَ،
جنهن مِ تنهنجي تاڪَ، تارن پري راتڙي!

سورج مُڪيءَ کي ڇورا ڇا لئہ تو چنين؟
جيڪو سورج ڏي ائين ڳاٽُ ايو ڪري

هُو جو نيري اُڀ مِ چمڪي پيو چَنڊُ،
جنهن سان سارو مَنڊُ آهي ايڏو موهٽو!

هِن ڌرتيءَ کان دوُر بادل جت بيهن نہ ٿا،
پهچي، مون کي آجپو ڏئي منهنجو پوُر،
مِٽيءَ تي مجبُور، ناتا نِيرَ جئن لڳا.

Gul Hayat Institute

ڪَنولُ نہ ڪُومائبو او ماڪيءَ جي مَڪ !
پَل تون اِن مان چَڪ اِن ۾ ماڪِي اَٿ - مَئَي!

تُنهنجي گهر ۾ ڇو نہ هُو رهي رات اَمان؟
ٻاهر چَنڊَ متان، ڪائي ٽَڏِ لڳي وڃي!

آهي ٻيڙيءَ وانگيان هوُ يارهينءَ جو چَنڊُ،
گهوري جنهن ڏي مَنڊُ تو جڻ نيري سَمنڊَ مان!

جهڙالي آڪاسَ ۾ نيرِي ڪڪري جيئَن،
تُنهنجي سارَ بہ ايئن ڪَنهن ڪَنهن مَهل اچي پَئي.

Gul Hayat Institute

آڳانجها آهن ٽَر جا ٽوهر ريت تي،
هُوءَ ڇا تا چاهن مون جئن پنهنجيءَ ماٽ ۾؟

ايڏي نيسَر اُڀَّ جي ڪاڏي وهي ٽي؟
گِڙندي رهي ٽيِ ڪا شيءِ انڌي کوهه جان!

❁ گَڙَ گَڙَ گوڙ دَرو بيهي نہ برسات ۾،
نديءَ نانهہ ترو اُتر ٽو اوتون ڪَري.

۞ نِنڊَ پئِي آ ڏوُنگري نَرياسَر تي چَنڊُ،
جَنِ ڇوَڏاري مَنڊُ اُن حو آرس ٽو ڏِسي!

Gul Hayat Institute

❁ گوڙ درو - پارڪر جبل مان نڪرندڙ ندي
۞ ڏونگري - پارڪر جي هڪ ڳوٺ جو نالو
نَرياسَر - ڏوُنگريءَ پرسان هڪ تلاءُ

چَنڊُ ڪنڌهر مِ ان طرح ڪنهن ڪِي ٿو ڳولي؟
* ڇا ڪي ٿو ڦولي ٻوڏيسر جي ٻُونءِ تي؟

مان ئي جڻ منجهڌار هان مان ئي ڪَپَر تي،
جيئَن ڀڪي جر تِي تئن هيءَ منهنجي جندڙي.

ڇا ڇا ياد اَچي پيو مُنهنجا ڦٽَ نہ ڪول!
آنءُ ڇوان مَت ٻول، مورَ اَويرا واءُ مِ!

❁ سالاريءَ تي سِجَ جا ڪِرڻا ڏسي ڪو،
پاٽيءَ مِ ٽي ويو اُبُ هَزارين آرسيون.

Gul Hayat Institute

* ٻوڏيسر - نگر پارڪر کان ميل پري هڪ اُجاڙ وستي
❁ سالاري - سنڌ جي هڪ نئن جو نالو

٭ ڪَن تا جيئَن ڪراڙ ۾ رمَ جهمَ ستارا
تُنهنجا يڪتاراَ وِيران وير وڄن پيا.

يڪتاري ۾ ڪَلهہ اوهان ڇاڇا اُتساهيو،
ڇا ساڳِيا آهيو، تارا اَڄ بہ ڪِراڙ ۾ ؟

ڇا مٽيءَ ۾ پورجي آنءُ تيو هان تانءِ؟
اگِٽِ ڪير ڏيي پيو ساڳي آهي گانءِ،
۽ هوُ پَريان يانءِ آهي منهنجي ڏيئَڙي!

لَنوندو پيو ڪانءُ مون ڪان پوءِ بہ نمُ تي،
نياپو اُن جو آنءُ بُڌي سگهندس ڪيَنڪي.

٭ ڪِراڙ - يٽ شاهہ تي ڍَنڍ

Gul Hayat Institute

ٻَـهـراڙيءَ ۾ گـاهَ تـِي هـو جـِي سَـهـن ٻـيـرَ،
مـون لئہ اَسُر وِيـر ڪـنهن ڏورانهـين ڏاهَ جئن.

ٻـهـراڙيءَ جـي ٻـٽ ۾ ڪُـتـر جـِي ڪـاري،
ٻاڏا، ڪـونُاري، ڇـوريءَ ٻـگـهـريـل لوُنڊڙيون.

ڪَنيءَ ڪـنهن جـي لاءِ ڪـامڻ، ڪـينگر ڪيرَ جا؟
اوتـِي اڄ اُجـهـاءِ آنءُ ٻـہ تُـنهنجـيءَ واٽَ ۾!

گُـڙنـگُ ٽـپـِي گـايـون وَيـون ٻـئـِي واٽ تـي،
تـن جـئن پنـهـنجـون گـهـنـڊڻيون پئي وڄايون،
جُـڳـن جـون آيـون تـئـن مون سارون ڪـيتريون.

Gul Hayat Institute

وهنجي پيو مينهَن ۾ ٻَرُ وارَ چنڊي،
ڪنهن جِي ڪانڌَ ڪَنڌِيءَ، آهي اُتر واءُ ۾؟

اُڪرِي آيون ڍَنڍِ مان پيلٽيون پرسان،
تيسين مان ترسان جيسين پاڻيءَ ۾ پڙا.

اُڪري پيئي ڍنڍَ پاڻيءَ پيرن هوڙ مان،
منهن تي اَت اُڪنڍِ چيچ ڏنائين ڏيئڙيءَ.

پٽي پئي ساڳ ڪَڙِي پنهنجي کيتَ تي،
پانيان جهونگاري پئي ريجهي ڪنهن تي راڳُ،
مانجهادي جو ماڳُ جهُڪي ڏنو اِيوٽِيءَ.

Gul Hayat Institute

سانجهي جرڪي ڪيت تي سڄ ٿيو پيلو،
ڪَڪڙو ۽ تيلَو وڃن پيا واٽَ تي. ❁

ڇٽي پپل پَنَ وري ملن ڪينڪي،
تون بہ تہ ائن جِيوَن سڀ کان وڇڙي ٿو وڃين!

هوُ ڪاريهر گاهہ ۾ آنءُ نہ ڏٺو ڇو؟
جيڪو مون ڏي ٿو وَر وَر واجهائِي ڏسي.

پاٿيءَ مَنجهہ لُڙاٽَ آهي ڇِڪن ويجهڙو،
جن ۾ ڏُکهي لاٽَ آهي سانجهيءَ سِجَ جي.

Gul Hayat Institute

❁ ڪڪڙو - اڇو، ڪارو ڏاند
تيِلو - هلڪي ڦِڪي رنگ جو ڏاندُ.

ڪيڏا ڪَنولَ پَنَ چوڏاري هن گَڙُنگَ ۾!
مُونجهہَ نہ ڪائِي مَنَ سرچِي وِيو ساوانَ سان.

۞ ڏَنڊِ ٽپي ويئُون پٽاريون سنگهڙ ڪري،
پرچايون پيئُون جَر ۾ پوئين سِجَ جون.

تون ڇا ڄاڻين ماءُ ڇا آ تنهنجيءَ گود ۾!
مون کي چَندَ چٽاءُ ڏورِان ڏيکارِي ڏئي.

تونَ جا ننڊَ مَهل هُن کي پينگهي لوڏئين،
ڪيڏِي نانهہ ڪَهل تُنهنجي مُنهن تي مائڙي!

Gul Hayat Institute

۞ سنگهڙ ڪرڻ - مينهنِ جو هڪٻئي پٺ تان وڃڻ.

ڪيڏيون پوڙيون ڏوهڻيون ڪُڏڪيون پيون ڏين،
منهنجو مَن واڳِين اچا هِن سنسار سان!

هيِ جو نينگرُ ننڍڙو آهي تُنهنجي ڪَڇَ،
رڳو اُهو اَچَ ڪاري ڪارونيارَ ۾،

هِي سارو سنسار آ جڻ ماتا جي گودِ،
ايَڏي اِن ۾ بودِ پيري آهه بسنت جي!

ساڳا ڪَڪر ڪَن پيا توتي مون تي جُهڙُ
تون جو ٽالهيءَ ٽُڙُ تنهن سان مُنهنجي پائپي.

Gul Hayat Institute

مون جئن سوچَ نراڙَ ۾ مون جئن ساڳا گهُنڊَ
جن لُنءِ لُنءِ ۾ سَمنڊَ مُنهنجي تون لهرون هئين!

تون به تہ مُنهنجو ياءُ جن آهين آڪاس ۾.
تُنهنجو چَنڊَ چِٽاءِ مون هر سِٽَ سمائِيو

مون من جئن کو ٻارُ، ڪيڏيون ڪُڏڪيون تو ڏيئي!
هي سارو سنسارُ مون لِيءِ ماتا گودِ جئن!

جيئَن خلاصي تيئَن آهيان مان آڪاس ۾،
ڪَتيون پيڙيءِ جيئَن مون لِيءِ ڪارونيار ۾!

Gul Hayat Institute

ينــــا رات گُلابَ ينـيـرڪي جـو پُـوڻ تـي،
جـن ليءِ اوسيـــڙو ڪـيــو روئـي راتِ رباب،
خـوشبـو ڏيئي خـوابَ پـوئيـن پهـر ننڍي پيا.

ڏنـو ڪـنـڊيءَ ڪـام تـان ڳـيــري ڪٽي ڳاٽ،
آڪـيـري چـمـڪاٽ، ڪـيــڏو ڪـيــو وڄُ مِيا

تـوڙي واري جِـنـدڙي مــون اُن تــي پَـل پَـل،
پـوءِ بـہ سُـونـي تــي لـڳـي ڌرتـيءَ جي ديولَ، ❁
اَڄُ نہ مونِ ڪانَ اَلِ، ڳُـجـهـہَ ڳـجـهـانـدر ڳالهڙي.

سـيــڙهہ پِـڄـي تـي جهنگ مـان ڪَنـڊا ڦهلايون،
چيـلهـيـوُن لَـڪـايـُن چـانڊوڪـيءَ م ِچيٽ جي. ❂

Gul Hayat Institute

❁ سُوني - سنسان
❂ لَڪايون چيلهيون - تازي ڪُتن کي نهايت سنهيون لَڪن وانگر چيلهيون هونديون آهن.

لائـي، ٻُـڳڙا، ريـوڙيـون، ڏونـگـهـي، پتـاشـا،
ٻـارَ ٿِـريـا مـاشـا، هَـتَ مِ جـهـلي پـائـلي.

❁ ڏانـڊا، سـائـو گـاهـُ، پـاڻـيءَ ڊُٻا، اولـڙا،
تـو مِ مـنـهـنـجـو سـاهـُ، سـانـجهيءَ ويرَ سَمائيو.

پـاتـي لُـنبَ زمـيـن تـي مـيـٽـائـيـن پوچِي،
لالـڻ! مـون لـوچـي تنهنجـي لـيـلا لـوءِ مِ.

❂ هـي پـويـون ٻـوڪـو، آهـ اوهان لئہ کوهَ مان،
تـاسـاريـلَ لـوڪـو، اڇـو پـيـاسَ ٻُـجـهـائـيـو!

Gul Hayat Institute

❁ ڏانڊا -ڪڇي جي زمين جو مٿاهون پاسو جو اڳَ مِ سُڪي وِيندوآهي.
❂ ٻوڪو - چمڙي جو ڏول جو پاڻيءَ ڀرڻ لاءِ کوهہ مِ وجهبو آهي.

سَسُئي سُتي کُنڀ وَٽ واسُ سڄي ينيورَ،
جڻ پنهنجي هر پورَ وَئي مُنڊَ سمائجي.

اڄ ڪوئي مون ۾ نہ آ اڳ وانگر طوفانُ،
مان جو سَمنڊَ سمانُ آهيان ايڏيءَ ماٺِ ۾!

هيءَ جا مُنهنجي جنڊڙي ڪوئي جهونو گهرُ
اڃا جنهن آڱر چمڪي پيو چنڊ سان!

مان جو تنهنجي بَنسرِي مون ۾ بُرين تون،
توکي ڪڏهن مون ڏارَ نہ سمجهو پاڻ کان.

Gul Hayat Institute

اڄ تـو مـون تـي جيئَـن اُپُ وَسـايـو اوچـتـو،
وِڇون وِسرن ڪِيئَن، مون کان ڪَتيءَ مينهن جون!

راتڙيـون جاڳِي اچـا بيتَ پـيـو چَـونـديـن!
نيـٺ ڊهـي پَـونـديـن ٽيـنـدين موهـن جو دڙو.

چـو هُـن کـي هـن ديس مِ ڄَـٽـي وئي ماءُ،
اَڄ تـائيـن اَنيـاءُ ڪَـوِيءَ ڏٺـو ڪـيـتـرو!

مـنـهـنجـو روشن دانُ اِن کـي روڪي جو نہ ٿو،
هـي جيـڪـو طـوفـانُ ڪَڙڪـائِي ٿـو ڪِڙڪيون؟

Gul Hayat Institute

مون جي ٻه ٽي ڪانڙيون جلايون آهن،
سيئاندي لئه رات جو ڪافي ته ناهن،
ماڻهو ٿا چاهن پنيتَ پَڙڪن پوُڻ تي.

اُڏري ٿي آڪاس ڏي هيءَ ڪوِتا ڪيرَ؟
جنهن جا پکيءَ پيرَ اڄ ڌرتيءَ تي وائڙ!

تو وٽ ائن اچڻو نه آ ڪوٻه هزارين سالَ،
ڏوکي ويندي اُيَ ۾ جنهنن جي هيئَن ڏمالَ،
چَنڊُ وِساري چالَ بِيهِي ڏِسندو پوُڻ ڪي!

هي جيڪي الهام جئن آيا ٻه ٽي ٻولَ،
تن ۾ منهنجا ڊولَ، اَزل اوراڻا هيا.

Gul Hayat Institute

اونـدهـِ اونـهـا كـوهَـ گـيـتَ گـڙن تـا اُبَ ۾،
تـو كـيَ جيكـا ٽُوهَ كنهن كي ڪانهي ڏيهہ ۾!

تـيـاڳُ ڏنـو مـون تـرپـتـيءَ آنءَ تـہ وڏ ڀـاڳـي،
مـتـان وَيـراڳـي، ٿـِيـن منهنجي اُپـيـاس سان!

تـون مـاٺـهو آهين ڪَوي يا تون ڪجھہ ٻيو ڪو؟
چـنـدرمـان سـپـنـو مـانـسَـروور جـي مـٿـان!

مـٽـيءَ منهنجـيءَ مـان وَري نِسـري كيـئـي پيارَ،
آئـي رُت رابـيـل جـي واسِـپـي هـن سـنـسـارَ،
سـانـوڻ سـا وَسـكـارَ كندا رونجهيءَ ريت تي.

Gul Hayat Institute

تِـكـر پِـٽـر جـئـن پُـري اَڄُ تـہ پـويـن تـو تـون!
پـاڙُون پـٽـر جـون ڪـالـهـوڪـيـون تُنهنجوُن ڪـٿـي؟

ائـن تـوُن گـُل نـہ لـتـاڙِ، جـو هِـي سـاڙُ سُـگـنـڌ سـان!
اَهـڙا رنـگَ نـہ رانـئـبـا تـو لـئـہ ٻـي ڪـنـهـن واڙِ،
تِـن ڪـي ڪِـن پَـلُ تـاڙِ، هِـي جـي ڌرتـيءَ جـي ڌَجـا!

مـيـان مَـتـاهـون، مـان هـن سـاري ڳـنـڍ ۾،
اَڄُ ٻـہ اُڳـاهـون، صـديـن سـان سـودو ڪـري.

مـتـان وِسـارِيـن، مـان وِسـرڻ جـو نـاهـيـان!
تـوڪـي جـو امـرت ڏنُـم، مـتـان سـو هـارِيـن!
ڏِيـئـي نـہ ٻـاريـن مـنـهـنـجـيءَ اَمـر جـوت ڪَـي!

Gul Hayat Institute

پـرڏيـهـيءَ جـو پـورُ، جهڙو ساٿُ سُگهنـڌ جـو،
دورُ وجـان تـو دورُ، رنـگَ پـکـيـڙي راهـ ۾.

مـان تُـنـهـنـجـي وٽـراهـَ تـي وَسـڪـارون آهيان،
پـگِ پـگِ گُل ڦُـٽـي پَـوَن اِهـو تـو چـاهـيـان،
پَـل ڪَـان پـو نـاهـيـان، جـوڙي ساٿُ سُگهنـڌ سان.

آنءُ تـہ ڪـنـهـن پـرڏيـهہ جـو پـاڇـائـون آهيان،
ڪـنـهـن چـاتـو چـاهـيـان، تو وَٽ ڪَويءَ ڪَنٽ ۾!

تـتـرَ ڪـا تـہ تـنـوارَ پـوئـيـن پـيـري واٽَ تـي!
ڪَـٽَـي جـنـهـن جـي سـارَ وجـان سُـر سـارنـگ ۾.

Gul Hayat Institute

آءٌ هماليہ وانگيان مانسرووَر تي،
تون مون کي تاڙي ايئَن کتيندين کيترو؟

کيڏو آهي ساڙُ، توکي مون سان جيئَري!
جهڙو مون سانونڻُ وسيِ، تهڙوئي آڪاڙُ،
اوچو کو بہ پهاڙُ، مون جئَن سنڌ نہ هند ۾.

هي جو منهنجو کنٺ تو ڪُوڪي ڪويل جيئَن،
تنهن ۾ تُنهنجو ڪيئَن، آهي سَڏُ سمائيو؟

تون منهنجو آواز آن تون جو آدي سُر،
ڪيڏيءَ ساريءَ سانت ۾ آ تُنهنجي چُرپُر!
هيِئين مون هُر ڪُر سَمنڊ ٻري جئَن ڪوڏَ ۾.

Gul Hayat Institute

مون مان ڇايو آنهه اڳ ڪيئي ڀيرا تون،
ڀيري ڀيري مون، توکي روپُ نئون ڏنو.

وَر وَر وَسڪارا ٿيا ڀَرج اُڃا ڪجهه ڀَرجُ،
گرج، سَمندر گرجُ منهنجو مَن تو سان مَتو!

تون ئي مون مِٽو لڪين اُٿي آڌيءَ راتِ،
مون مِ تُنهنجي ذاتِ اَڄُ بہ آهي باکَ جئن.

ڪَنول نہ ڪومائبو او ماکيءَ جي مَکِ!
پل تون اِن ڪي چَکِ اِن مِ ماکيِ اَٿ – مَئِي.

Gul Hayat Institute

ڇا صديـن ۾ هـي هُيـا تُنهنجي جُڳ تي جيتَ،
دوهـا چـار ڪـبـيـر جـا ۽ ميـران جـا گيتَ؟
هيءَ شڪتيِ سنگيتِ منهنجي تون ڪِٿ تو رکين؟

مـون ڪان اڳُ بـہ ڪـونہ هو مون ڪان پو بہ نہ ڪو،
ڪـنهـن بـہ تـہ هِي سپنو مون جئن ڏٺـو ڪينڪي.

ڇـا هـي رَويءَ روپ آ يـا آ پـيـٽـائـي،
واتِ اَچِـي وائِـي تِـن تـي ڇـو سوچي پئي؟

مـان ئـي ڪـاليـداسُ هـان مـان ئـي پيٽائـي،
مـيـگـهـہ دوتَ ۾ ڪـالهـہ ڪـنهن جا شيءِ ٻُڌائي،
سـا مـون سَمـائيِ، آ اڄ سُـر سـارنگ ۾ .

Gul Hayat Institute

مون جو ڪالهہ اشوڪ جا ڏنا تي استمڀ،
❁ ڏاهپَ ڪيڏا ڏنيَ ڏنا منهنجي ڏاهہَ ڪي!

رَوي! تُنهنجي راڳَ ۾ جڻ اُن جي ايڪانت،
سُندربن جي سانتِ مان ٻيڙيءَ تي ننڊ ۾!

❂ هوُ جا چَڪما سُندري ڪَرنافليءَ ڪَپِ،
مون ڪي هن جا چَپَ چَنڊ لڳن تا ٻيج جو.

مون مَنُ اِيلورا جنهن ۾ ڪيئي مُورتيون،
مان تنهنجا تورا لاهي لاهيان ڪيترا!

Gul Hayat Institute

---

❁ استمڀ- ٿنڀا
❂ ڪرنا فلي- بنگلا ديش جي هڪ ندي
چمڪا- ڪرنا فلي جي ڪپ تي رهندڙ قومـ جو نالو جا ٻُڌ ڌرمـ جي آهي.

ٻوڙِي سَتوا ڪان مٿي حصي ۾ آيو،
ڇا ڇا چورايو آنءُ اُجنتا کي لُٽي!

ڇو تون مون ۾ ڏينهن جو گِيتَ نہ تو ڳائين!
ڇو تو جاڳائين مون کي منهنجي ننڊ مان؟

ميان! مٺاهون مان هن ننڍي ڪنڊ ۾،
اَڄُ ٻہ اڳاهون صدين سان سودو ڪري.

ڄَر ۾ تو جَرڪان ڳائي تُنهنجا گيت مان،
مَري شل مَرڪان ٻنائيءَ ٻيڙو وڃي!

Gul Hayat Institute

تون مون ۾ ڪو گيتُ آن مون ۾ جنهن جي گونجَ
ڪارونجهر تي ڪونجَ جڻ ڪا ڪُرلائي پئي.

وهندي ندي وقت جي جنهن جو آرُ نه پارُ،
سرجي سرجڻهارُ، معنيٰ ڳولي موتَ ۾.

اڳتي هن وٽراهَ ڪان ناهي ڪائي سُڄَ،
تو ۾ تُنهنجي اُڄَ ڳولي لهندي اُٺَ ڪي.

تو مان مِجو اوڄُ آ سندا اُيري ٿو،
ڪڏهن اُن جو پيار تي پوي ٿو پاڇو،
ڪڏهن گيت ٿيو، برڪا جئن برسي پيو.

Gul Hayat Institute

ايڏو اوسيڙيَ ڪَيو توکي ڪَنڌا ڪَڪَ،
شيام! ملي مون رکَ تو مان چَپنيءَ جيتري!

گُنبذ جو آواز تي ڪَڪَتي پونڌين تؤن،
اُي تي اُڏارون مون اَڄ توکي آچيون.

گيتَ اچين تو جيئَن تون لهرين جان سَمندَ جي،
ڇا ٻي ڪنهن وَٽ اِيئن آئين تون مون وانگيان؟

سارو جيون مالهه جِئَن پَل پَل ڦري تو،
ءُ پو ڪري تو، اوتي پنهنجون ڪِنگريون.

Gul Hayat Institute

چَنڊ ستارا تا اڃـن ڪيڏا مــون ڪَـهـ مِ،
ڪيڏيءَ اونــدَهـ ۾ ليٽِــيِ آنءُ لڪان پيــو!

پَرجي ڪارونيار مان ڇو تـو واجهــائيــن؟
اَچ، اَچ اي سائِيـن، اَچ، اَچ مـون تـي مينهن جان!

ڇـا لئہ ايڏي آڳَ متــان عــرش جَلـي وڃي!
ڪَـر تـون مُنهنجـا ياڳَ مـون لئہ جهڪي باهڙي.

آئي ڪتانِ آڳَ هــي ڪتــان پيــدا تــي؟
ڪيــڏا شعــلا تِـي مون مـان اَچِ اُيـري پئـي!

Gul Hayat Institute

پيسي جي پُٽ تان وڃِي ڏينهُن نہ ڪارِيندس،
آنءُ اُجارِيندس هاڻي تُنهنجون مُورتيون.

جَنهن جَنهن يارِي چَنڊ سان تَنهن تَنهن سان مان گڏُ،
ساڳو سڀ جو مَڏُ ساڳا سَڏَ ٻَمونڊ جا.

چو تو جاڳائين موٽائي ڏي ننڊڙي!
تون ڇا تو پائين؟ ڳائي آنءُ تُنِي پوان!

وَرِي مون ويڙهي تو اُڄ جُهڙ جهجها ڪيا،
ڪَڪر سڀ ريڙهي آندا آخر اُبَ مِ!

Gul Hayat Institute

چو تو مُنهنجي اُڃَ لَئہ ايڏي اوڙَ ڪرين؟
وَر وَر ڪوسَ پيرين مون لَئہ مُنهنجي پنڌَ ۾ ؟

ڏينهن تَتل، مان رُڃَ ۾ هرڻيءَ جئن گهايلُ،
اِئن ڪو اُجايَلُ، وِرلي تو وَٽ واٽ ۾.

تون جن وَٽُ انجيرَ جو ءِ مان بُکايَلُ،
تو ڏي وڌايلُ، مُنهنجو هَٿُ هراسَ ۾.

ڪيئي پاڻيءَ ڏولَ هُونءَ تہ تو وٽ هَڪيا
ڍُڪُ ڏَنئہ چو ڍولَ مون ڪي منهنجيءَ اُڃَ ۾؟

Gul Hayat Institute

مــتــان ڦــريــن ٽــون پــوئـين پهر صليب کان!
مـتـــان ڪـِـريــن تــون اوچــو تــي آڪاس کان!

هُــو لـهـريـون آڪــاشَ جــون جن جو آرُ نہ پارُ
سـورجِ چِترڪــارُ جن جا چِــتَر ٺــو ڪــڍي.

نـيـٺ تــہ وُٺــا مـيـنهــڙا گـونـجـو سارو گانءُ،
پَـکـي پـکـي آنءُ ٻـولـيـان پـيـو ٻـولــڙيـون.

ڇـا جـهـولـيءَ ۾ ٻــارَ جـو تـون ئـي آهين خوابُ،
تـون ئــي ٺــو مـهـتـابُ هُـن جي ٻانهُنِ ۾ وجهين؟

Gul Hayat Institute

جڏهن اُلا اُڀ ۾ ڪَڪريءَ نه پاڇو،
تڏهن نڪران تو مان ڄڻ نم جي ڇانو جئن.

تو جو ڏوٽِي ٻيرِ اَسُر وِيرَ اُتي ڪري،
ڪائيندا هِي ڪيرِ ڪيڏا ڏوٽيَئه ڇانگرا؟

ڪوِيتا جي ڪَڏَ مون وڃايو ڇا ڇا نه!
تنيو آهي يا نه هي جِيوَن سَڪيارتو؟

تو لئه منهنجي شاعري پينگهي سَرائِي،
ڇوٽ نه تو آئي لالڻ! ساريءَ لوڏَ ۾.

Gul Hayat Institute

ڪنهن جو ڪاٺيارو نہ ٿي ڪنهن وڻ هَٿُ نہ ٽَنگ!
تـوڙي تنهنجـي اِنـگِ ليڙُون چارِ لباس ۾.

چانـگا ڪاهي جي اَچون مَڃر اِئن موڙيون،
پَنَ اِئيـن روڙيـون، ڪَرَ نہ پوي ڪاڪ ڪي!

چـاندوڪيءَ ۾ پِٽَ تي چَڙهي چانگو جيئَن.
مُنهنجي ذات بہ اِئَن توڏي اوري تي اَچي.

ڳهـلا! پَچي ڳُڙ ٿئـي جيئَن ڳَنـي جي رَسُ،
تِيئَن ڪويتا پَسُ، ڪَڙهائيءَ جيڪا ڪَڙهي!

Gul Hayat Institute

ٽيسِين ڪمر ڪنيارڪو، مٽيءَ جو ماٽو،
جيسِين مَٽُ گهاٽو، اُن ڪيِ معنيٰ ٿو ڏئي.

ٻُلڙِي توڙي جهوڪَ، هي ٻه ته مُنهنجي پَنڌَ ۾،
راهه نه ڪائي روڪَ، ڪُه ڄاڻان، ڪاٿي پُڄي!

هيءَ ساري سُربانَ چَوباريءَ ۾ چلهه تي،
آهي امر لاٽ ڪيڏيءَ ڪاريءَ باٽَ ۾!

جنهن سان رَتِي راتڙي سَهڙي آ سا باکَ،
ڇَڻ مون لوئيءَ لاکَ جَرڪِي پئي جيءَ تي.

Gul Hayat Institute

تُنهنجي گهر ۾ ڇو نہ هو رَهي راتِ امان!
ٻاهَر چَنڊ َمتان ڪائي ٿَڌِ لڳي وڃي!

مون جي ٻہ ٽي ڪانڙيون جَلايون آهن،
سيئانديءَ ۾ رات جو ڪافي تہ ناهن،
مَاٺو ٿا چاهن، پنهنجَ پَڙڪن پوُنءِ تي.

هي جيڪو طوفانُ ڪَڙڪائي ٿو ڪِڙڪيوُن.
تُنهنجو روشن دانُ اِن کي روڪيندو گهٽو؟

اَچ، اَچ مون سان سيڪ ڪا وِيرا هَٿَ ٻاهہ تي!
هيءَ جا جيپي واءُ ۾ ڇو نہ ڇڏين ٿو جيڪ؟
تَون سوچين ٿو ليڪ ِسَيُ ڪُجهہ رَکَ نہ ٿِي وڃيَ!

Gul Hayat Institute

ٻنا راتِ گُلابَ ٻَنيرڪي جو ٻوُنءِ تي،
خوشبو ڏِيئِي خوابَ پوئين پَهر ٽڙيِ پيا.

ڳيري پنهنجو ڳاٽُ ڪٽيِ ڪنديءَ ڪامَ تان،
آکيري چمڪاٽُ ويهِي ڏٺو وڄُ جو.

جيسين ڄَرڪائي ڇَڏيِ اُن کي تُنهنجي ڄاڻَ،
ڏرتِي پَنهنجو پاڻَ اِپِئين ڪاڻ اُڏامندي.

وَر وَر ساري وَرش ۾ ڪيڏا ڪيس تيا!
رَت وَرنا ٿي جهولَ ۾ مون کَي گيتَ پِيا.
پر سي ڏيهَ ڏِيا اوندهه جِن اُجري ڪَئِي.

Gul Hayat Institute

ڪيڏا تن جا پُور ها ڪيڏا تن جا پَهه،
ٿهڪو ڪَائي ٿَهه جِن هِئن ڪئي پَنڌَ ۾!

سامائيندي سُورَ جن مُئي نه جن جو ماڳُ،
چَوءُ، مان تِن جو ڀاڳُ ڪهڙي ليکي ۾ لکان؟

مون پوئين پَل سنڌڙي، توکي دُعا ڪئي،
وَئي، توتان وئي، آفتُ ٽَري اوچتو.

مون کي ياد ڪندين تون، ڳَتَ ڳچيءَ لاهي،
مون توکي چاهي، ڪلهه ڪيڏا سونا سَتا!

Gul Hayat Institute

پوري سارا تاکَ تارن پَريءَ راتڙيءَ،
ڦُلواڙيءَ ۾ ماکَ آندي ٽانگرِ ٽارِئين.

ڪيئي وِرديون ياچ ۾ سانوڻَ ڪڪريون جيئَن،
آئون ڏِسان ٿو ايئَن، نِوڙي نَنڍي ڪَنڌَ ۾.

ڌرتيءَ تي هر ڌِڀڌَبو ڪن پَل جو چُٽڪو،
ڇا ڪنهن کي ڪُٽڪو آهي پنهنجي انتَ جو؟

وَر وَر گرجن ٿا جِئين چِيٽا مَنجهه چُرَن،
ساري رات پُرَن اِئن مون سنسا ساهَ ۾!

Gul Hayat Institute

مَنَ ۾ مـرُونءِ تَمرُ مُک تي منڙيون ڳالهڙيون،
شال نـہ پـوي ڪـمرُ اَڄ ڪَلهہ اوچـي پَـدَ سان.

تُـون جـو هـڪـلـس لوُهَ وچِين پيو واٽَ تـي،
تَـرسُ تـہ ڪِيئِـي ڪـوُهَ آهـنِ تـو لئہ اُڄَ ۾ !

سـر ۾ سُوسٽ ڪَـن تا ڪاريهر ڪيترا!
ماَٺهو! تُنهنجِي مَن مون اڄ وهہ وِترِي ڏنـِي.

ڪئن چئجي ڪيڏانهن تو ماٺهوُ مُنهن موڙِيو!
ڏاتَـِي هٿـوڙِي پُـورا ڪـيـا ڏينـهـڙا.

Gul Hayat Institute

آڌي رات اُروڙ تي هيڪ نهاري چنڊُ،
سوچي ٿو هي جنڊُ ڇا ڇا پينهين ٿو ڇڏي!

سياست مَن مُرجهائيا آيو پو به بهارُ،
ماٺهو نگهوسارُ پوءِ به گونجَ ڦٽي پيا!

ڪيڏو ڇهڄُ بَسنت رَستن تي وٺڪار ۾!
توڙي اچا اَنتُ ڏيهه نه آندو ڏاڍَ جو.

هيٺان بجليءَ جون بَتيون وَٽن مان چمڪن،
مٿان ٽِمِر ٽِمِر ڪَن، ڪيئي تارا اُڀَ ۾!

Gul Hayat Institute

گوليُن گهايون کيتريون ڇاتيون ڇڳيرَن،
جنهِين جي جيرَن ڏِڌُ جيئاپي کي ڏنو!

سَسئِي سُتي کُنبِ تي واسُ سجي پنيورَ،
هوتِ تہ اِهي هورَ کتي روکيان قافلو!

مانگرَ سامهون موڙو ڏسان تو آئون،
مون کي ڏنائون وَرِ وَرِ ڏُکيا ڏينهڙا.

کڏهن ايندين، کيئَن آنءُ اڳاهون تو تيان،
تُون جو اَچِين جيئَن، تُنهنجي کيان آجيان!

Gul Hayat Institute

❁ هي جو سنڌي سيٺ آ نالو مورجمَلُ،
اُن مِ جيڏو ڦَلُ اوڏو نِوڙِي ٿو ملي!

ڪيڏو ڏيسيڙا ڏسي مَن تي ٿو گڏ گڏ،
پيار اچي بيحد ڇڻ پنهنجي ٻولي ٻُڌي

آيا ڙي آيا ويچا سب واري ڪري،
❁ پنهنجا - پرايا مالهي، ڪرشن، يارتي.

ٻاگهيون ونڊي پِيلَهه ٿو آنءُ ڏسان اَڻَ - موٽُ،
وِرِي وڳهہُ ڪوٽُ اُيرِي ايندو اوچتو.

Gul Hayat Institute

❁ مورج مل - دُبئيءَ جو هڪ سنڌي سيٺ
❁ ڪرشن - ڪرشن کٽوائي، سنڌيءَ جو مشهور ناول نويس
مالهي - گوبند مالهي، يارتي - نارائڻ يارتِي

جِئـن جِئَن پونـو تـو تپي تِئَن تئن وَڏي رُڃَ،
تـوکـي تُنهنجـي اُڃَ ڏوڙائـي ماري متان!

تاڪ ٻـ - پهري، سِڄَ ٻِلڪيءَ جو چشمو،
اُن ٻِوهنجي تـو، جِنَ کـو سِپنو سندُ جو.

تُـون جـا لـيلائـيـن پَئـي بيـتـي لَڳهَ اوٽَ،
تـو لئہ ڪـيڏا کـوٽَ ٽِپان آنءُ اُڃانگ سان!

ايڏا ڪنهن جي لاءِ تون پوکين تـو هي گل؟
مـان ٻـانـيـان تـو ٻُـل پوپٽ ايندا اوچتو!

Gul Hayat Institute

ميڱَ مياٽيءَ سينءَ سَرچي وِيئي پورڙي،
تماچيءَ لئہ اِيئَن تَڙُ تاڙيندِي ڪيترو؟

سُپنا توتي سايا اُلر ڪئي ايئن،
پنهنجيءَ سُپر سيئَن چاتيءَ منجهہ چپي وئين.

ڪارونجهر ڪان ڪيترو ڏُور پيو ڪاهين؟
اَڄ تہ وسيو آهين مون تي ڪري اوڙڪُون.

سَپنا روڪي تو اچان ماٿهو ماٿهوءَ جا.
اَچا ٿين دنيا آجي ناهي ويڙهہ ڪان.

Gul Hayat Institute

وينـي اَمـڙ نـنـيڙي مسجد ڏاڪي تي،
هَٽَ دڳـهـيـري تـي ڏسي ايندي ويندي کي،
ڏوراپـا تـي ڏي ڇو تـہ اُپـائـڻـهـار کي!

✿ چاچي ڳولي چيـچـڪا اَمـڙ سوچي يَٽُ،
پيـئي روئـي رَت ڏرتـي ڏُرت ڏکـار ۾.

سَپنـا! تـوکـان سايـيـا ايڏو وَتـو ويـرُ،
هـاڻـي توکي کيرُ اڳ جئن کندو آرسي!

سَپنو سايـيـا سيئَن، سَرچِي سَرچي کينکي،
پـو تــو تائـين کيئَن پهچي پنهنجي پنڌ ۾ ؟

Gul Hayat Institute

✿ چيچڪا: – کندن جي ڦرين ۾ ٽيندا آهن ۽ جڏهن ڪچا هوندا آهن تڏهن ٽري ماڻهو اُنهن جي ڀاڄي ناهي کائيندا آهن.

تون ھيءَ اونھي ڪڏ ٽپي سگھندين ڪينڪي؟
ڇو تون پنھنجا ھَڏَ ڀَڃي ڀورا ٿو ڪرين؟

چَنڊُ مَڏيہ پرديش جي وٽن ۾ گيتا!
ڪيڏي ڪويتا آھي ھن سنسار ۾!

سيڏائي تو سَڏُ پَڙاڏي لَئہ پارَ تان،
توڙي ان سان گڏُ جوڙي وانگر جاتَ ۾

ڇا مُنھنجي تاريخَ ڪي سڏي تو ڪو نَسَڏُ؟
ڇا مان ان سان گڏُ اڇا آھيانؔ پنڌ ۾؟

Gul Hayat Institute

اُن بيـڏوهـيءَ کـي ڇـا جيئاري سگهندين؟
چاڙهيو ڦاهيءَ تي ڪلهه تو جو ڏوهيِ ڇئي؟

ڌرتيِ تُنهنجِي ديسڙا جَنِ آهي مون ماءُ،
سنـڌوءَ سـارو سـاءُ آهـي اُن جـي ٿـَـجُ جـوِ.

ڇِنـو ناهي ڇَنڊُ ڌرتيءَ جئن هن ديس جي،
مـون مِ سارو کنڊ جڳ مَڳ جرڪي ٿـو پيو.

مون سان مُنهنجي پيءُ جئن آهي تُنهنجو ساٿُ،
نـاهيـان آنءُ انـاٿُ هـن ساريِ سنسـار مِ .

Gul Hayat Institute

ڪُتا ڀَونڪن تا ڀِري ساڳا ڪونگهرا!
چور نہ ڇَونڪن تا راتاهيِ تي رات جو.

گوليون ڪائي بانورا هيئَن نہ مَرين ها،
جي تون ڪرين ها ڪَنِ ڪَويءَ جون ڳالهڙيُون.

❁ سُوئَر ساري ڏيهہ ۾ وانُو ڪونہ وٽَن،
ڪيڏو نانهہ ڪَنَن جيئَنُ جانارن اڳيان!

ڇا جي ڪرين ننڊڙي ڇا جي اَک لائين!
پوئين پَل تائِين وِڙهي وِڙهندي ڪيترو؟

Gul Hayat Institute

❁ وانُو – شڪاري جيڪي سُوئر کي وٺندا آهن

پورو کهڙي پنڌ کي ڪَرِين ٿو سائِين؟
جو تو لَنوائِين لِکيو پنهنجي ليک جو!

❁ گوليءَ اُڏايو، توڙي چائوشيسڪو،
پکيءَ ڪَن لاٿار سان ڪيئن نہ پئي ڳايو!
ڪجهہ بہ نہ لَکايو رومانيا ۾ راتڙيءَ!

❁ چَنڊُ جڏهن اُڀري آيو تاءِنان‌مين تي،
چمڪي ائين رَتُ تي تڏهن چانڊوڪي،
جڻ ڪا قَدرت جي بي پروائي تي بڪي!

قدرت تو تي جو رُئي ماٺهو مَت موڙها،
يانءِ نہ تون ڳوڙها پَنيرڪي ۾ ماڪَ ڪي!

❁ چائوشيسڪو (نڪولائي) - رومانيا جو اشتراڪي ڊڪٽيٽر، جو ١٩٨٩ع ۾ ناتال جي ڏينهن پنهنجيءَ زال ايلينا سان گڏ ماريو ويو.

❁ تاءِنان‌مين اسڪوائر - بيجنگ ۾ اُهو چوسول جتي جمهوريت جي گهر ڪندڙ هزارين شاگردن کي چين جي ڪميونسٽ آمر، ڊينگ، گولين سان مارائي، چين ۾ جمهوريت جي تحريڪَ في الحال دٻائي ڇڏي.

Gul Hayat Institute

توکي پنهنجا تا ملن پلائيءَ پاڙا،
قُدرت ڪُهاڙا ڪنهن لَءِ ڪٿي ڪا نہ ٽي.

جيئڻ ڏئي چِپَ تان ڪوئي گَڏُ چِلانگُ،
اِئين ڪبو ڪوُ سانگُ اڄ تائين اِتهاس ۾ .

نڌي ٽپي جيئَن چِپوُن پارِ اُڇانگَ سان،
سَمَئہ ڏارا اِيئن اُيري ٽِي اتهاس ۾ .

جي پي هر ڪنهن کي جِڏي گانڌيءَ ڪَڏَ لڳي،
سارو جَڳُ ٽڳي، تون بہ ٽڳين، مان پِي ٽَڳان!

Gul Hayat Institute

ديوارن تي تا لُڏن تُنهنجا چِٽ پاچا،
توڪان پو ڇا ڇا گانڌي! لوڪَ لڪائيو.

گانڌي! او گانڌي! چئه، تون ڪنهن جي لئه مُئين؟
تون به ته هوءِ آنڌي روڪي سگهئين ڪينڪي!

❁ مُنهنجوُن مالهيءَ ڪي ڏسي اکيوُن ميگهه ملارَ،
وَسُ، وَسُ، منهنجا يارَ آيا وَسڻ ڏينهڙا.

ڌرتي! تُنهنجا ڏکَ ڪيڏا سُتا وِلهه ۾،
لرزي ويا لڳَ گهوريِ تن جي انَت تي.

Gul Hayat Institute

❁ مالهي – سنڌي اديب، گوبند مالهي

آءٌ سَمندر، شارجا ءَ کي سنڌي يارَ،
جن سان هِن سنسارَ، آ مون کي موهي وڌو.

موتي، ڪَلا، وَندنا، موهن، گوپ ڪَملُ،
روپا سان هر پَلُ سَرچي ويو سنگيت سان.

الا مُنهنجا اڱَڻَ وڏي ڪنهن ڦهلائيا!
سنڌڙيءَ آهن سَڳَڻَ ڪهڙي ڪهڙي ديس سان!

جيوَن جي توري وٽي مون کي ڏئين تون،
پيرو ڪَري پون سِڪَ وراهيان سَنڌ جي.

Gul Hayat Institute

بادل پرجي تا اچن جي ڳائين ٿو تون،
پُون تي پر پُون پُون مَچر ڪن تا ڪيترا.

هِي سَبُ ويرِي سَچَ جا هِي جي سياست دانَ،
سيٺِ، وڏيرا، خانَ، هِي چوڌارِي چوڌرِي.

تنهن کي ڪيڏو تَؤ هُيو تو جا ڳالهَ ڪئي!
هَر هَر سَچُ چئي تو ماٺو مچرائيا.

آهيان ڪنهن ڪرپانَ کان توڙي سَوا آنءُ،
هَر هَر مُنهنجو نانءُ ڪَڙهائيءَ مِ تو ڪَڙهي.

Gul Hayat Institute

ڪو آئين اڪبري توڪي ڏيان ها،
جي مان تيان ها سَچ پَچُ پنهنجو اولڙو.

ڳولي پنهنجي ماڳَ ڪي سانگي مانَ وَرن،
تن لئہ نيڻَ ٻرن تيسين مُنهنجا سانت ۾.

چوڏارِي آڪاس مان تارا تا ٽمڪن،
تيسين رِم جهم ڪَن جيسين ڪارِي راتڙي.

هي جي چَڪوُن رانئيوُن رَتُ سان ڪاريءَ رات،
مُنهنجن نيڻَن مان ڪري ڏوئِي تي برسات،
تون ڇا ڄاڻين تات جيڪا منهنجيءَ تانگهہ ۾!

Gul Hayat Institute

نہ ڪي ڪنهن جو روپُ هو نہ ڪي ڪو بہ اَروُپُ،
رڳو مَڙهيءَ ڏوپُ مُنهنجو من ويڙهي ويو.

مُنهنجو مَڙه مليـر ۾ پَلي تون نہ نجانءِ،
پر جي ويندوسانءِ مون ڪي سارينديں گهڻو.

مون ڪان اَڳُ بہ ڪونہ هو مون ڪان پو بہ نہ ڪو،
هِي مُنهنجو سپنو پِي ڪنهن ڏنو ڪينڪي.

ٽِيسين نيڻَ ٻَرن مُنهنجا ڪاريءَ ٻاٽَ ۾!
سانگِي ماٺَ وَرن ڳوليِ پَنهنجي ماڳَ کي!

Gul Hayat Institute

ڪيڏي سڏي ٿي وچي روِي تُنهنجي راهہَ!
ڪيئَن ٿياَ گمُراهہَ ٿاهي مُڪتِي باهني!

٭ ڪاَلهہ مدوُ سوڊن ڪيئَن پُليا بنگال ۾؟
اِئن ماڻهوءَ جو مَن ڪيسين آڌ ٿو تي سنگهي؟

ڇا تون واري ٿو سگهين ڪڏهن هُن جو واسُ؟
⊛ اڄ بہ چنڊي داسُ آهي بنگلاديش ۾.

'اَڄُ' بہ اُن ۾ ڪو نہ آ رڳو آ 'هاڻي'،
ڪَلهہ يا سياڻي ڪانهي تُنهنجي ڪوشَ ۾.

---

٭ مدوُ سوڊن - بنگلاديش جو هڪ شاعر
⊛ چنڊي داسُ - بنگلاديش جو هڪ ڀڳتي تحريڪ جو شاعر

Gul Hayat Institute

۞ تِن مِ نہ ڪا سمرتي نہ ڪا آهي آسَ،
هيِ جي تُنهنجا سُوَاس، ’هينئَرُ‘، تنْ جي آرسي.

•

ٿياڪُڙَ! ٿريِ وَچُ هتان ڏينهن ٻہ ٿي ڪاٽي،
ڪارونجهرُ ڦاٽي ڪَڙڪيِ مَتان اوچتو!

۞ توکي نيٺ سَرابَ سان ساڙَ ڏڙَو ساڙي،
مُور نہ مون پاڙي ملبندي توکي جائڙي.

جِنجهي پنهنجي پيارَ سان مُنهنجا ٻُسا ڏينهَن،
جِيَا لئہ مُنهنجا نِينهَن مون کان مُنهن موڙي وئين؟

Gul Hayat Institute

---

۞ سمرتي - ياد
۞ ساڙ ڏڙو - نگرپارڪر جي هڪ جاءِ جا ڪنهن رِشيءَ جي سراپ سان ٻُونڪپ مِ اچي وئي هئي.

جيئين ٽَر تي مينهن ۾ اُسَ ڪَري ٽِپي تاءُ
ايئين تو ۾ ساءُ ٽريچاٽي ٽانهري!

ڪڏهن ايندين ڪَڇَ مان پاري نگر تي؟
مان تو لَئہ در تي ايندُس آدرياوَ لئہ.

اڄُ نہ مُنهنجي ديس ۾ ڳلا ڳاروڙن،
نانگَ نِهاري جِن پَچِي وَڃن پيٽئان.

وِڪامي واپاريو ناٿي نِياءُ جتي،
ڪَيسين لوڪَ تِتي اڏي وهندا پِڪڙا؟

Gul Hayat Institute

هُو جِن هَوَن ڪُنڊ ۾ ٽَپا ڏنا ها،
تن جي سارَ پلا ڪنهن ڪاڻِ ڪئن وِسري وڃي!

ڏونگرَ جو هيِ مورُ تو ڪَنڪَر پيٽ پَري،
تو بن ڪيئَن ڪَري ڪاروڻجهر ايندين ڪَڏهن؟

ڏيئا ائن نہ وساءِ توُن ڪارونجهَر جي ڪورَ!
گهليِ! مارِ نَہ مورَ جي جرڪائن راتڙيون.

ٻَڪرين جي ٻيڪارَ ڏَنَ ڏنارن ڇَڏيا،
ڪيڏا مُنهنجي پارَ آهن ٻگهڙ واڙِ ۾!

Gul Hayat Institute

ڪيڏو پيٽڪايو اٿـي مون کي رِڻِ رولي!
ڳولي ڏي ڳولِي مـوَن کي پنهنجو ديسڙو!

تو تـہ اهـو اُلڪـو ڌرتي پورُي تي متان،
۽ مون تَي سوچيو مون وَٽ ڌرتيِ هُئي ڪِٿي!

ڳاڙهـو تلڪُ نـراڙ تـي پـريـن پَڪيِ لڦَ،
پوءِ بہ ماٿهنِ ڪَڦ جاچِي تُنهنجي جاڻَ ڪَي!

ڇا هي اُجلي ڦولَ ڪان پُوٽِيَن جئن جَنهِن هَٽَ،
جنـهن کي سارا سَٽَ سمجِهي ڦِيڻ ڦِري ويا.

Gul Hayat Institute

اُن ۾ ڪيڏا جيتِ ها جاچي ڏِسُ جَڙ ۾ !
ڪيڏي ڀيڪَڙ ۾ ڌرتي اَڄ اَچي وِئي!

مون تو ڳاڙها گھوٽَ ڪَلهہ ڪيڏا ڳانا ٻڌا!
پر تو ڪاڏي موٽَ ڄَرڪائي ڄَڄَ واٽَ تي.

جاچيءَ ماچيءَ ڳالهڙيون ٻُڌيون ٻُڌايون،
ڪيڏيون شَرنايون مُنهنجي ڳِهلي ڳوٺ ۾ !

اَڃا پري آهہ ماڳُ جتي ڌاٻو ڪندين،
جُتيِ ايئن نہ لاهِ آجا ڪَري ڀيرڙا!

Gul Hayat Institute

تِن ۾ اڳتي تا وَڏن توسان تُنهنجا خوابَ،
ڪيئي گُلَ گلابَ تُنهنجون لِڦُون پنڌ ۾ !

اَجا اڏين تو پَنهنجي پُل درياه تي!
پو ڇو سڏين تو پيري پيري موتَ کي؟

تو تہ ڪِلِي ڪولِي جِن مُون ماڳُ اچي ويو!
آهي ڪيڏيءَ سُڄَ ۾ اڃا مون ڏولي؟
جَن ڪاپرولِي آنءُ ڪُهارَن پَنڌَ ۾ !

پوڏيسر جي پوُنءِ تي سانجهيءَ جو آڪاسُ،
جِن ڪوئي راڪاسُ راتيون ڏينهان راند ۾.

Gul Hayat Institute

مُنهنجا ڳوڙها سَمنڊَ ۾ سَمائِي سگهندين؟
تون پائِي سگهندين هِنَ ڏرتيءَ کي ٻانڌڻي؟

ڳانيو ڳاڙهيءَ اُنَ جو ڏرتيءَ ٻَڌِي تو،
❁ پوَ پنهنجو ٻيڙِو چا لئہ موٽائِي وَتو.

◎ اوسواڙَ گُذرن پاري نگر سامُهون،
آيا مون سَپنن ۾ چا ڏهرا ڏيهہ جا!

❁ تارا تِمڪائي پيو ماندڻ تي ماندڻُ،
پَرسان سيڪو پاڻُ جهِڪا جهڪا ڏيئڙا.

Gul Hayat Institute

---

❁ ٻيڙو – شاديءَ جو سڳڙو يا ڳانو
◎ اوسواڙ – نگرپارڪر جي هڪ قوم
❁ ماندڻ ۽ گمورڙي – سنڌ جون ٻہ نيون

اُن کي اَبــِي اُبَ جـوُن وِچـوُنَ آيـون ڏاجِ،
ڪَـرِي پيئـيِ گاجِ وَهـيِ هيـٺ گـمورڙيِ.

ڇـا مـان پيـو مَرنـدس سدائين تاريخ ۾ ؟
هاٿـي جي وَرنـدس ٻيا ڪي هوندا ڏينهڙا.

وِسـري وَيَـئـہ وائـڙا جنـمر يـوُمـيِ ڪيئَن؟
تون ڪئَن سَرچي هيئَن پَرَپوُنيو تي گهارِئين!

ڇـو تـو ڪـونہ سُئا مُنهنجا سڏڙا واٽَ تي؟
سبِ جـي لاءِ دُعـا آ مـوُن پـوئين پهر ۾.

Gul Hayat Institute

⊛ جاچي ساريون ڪرانتيون ڏسي تن جو انتُ،
سابرمَتيءَ سَنَتُ وسرِي وَسري ڪينڪي.

جي ڏاهر جي رَتُّ مان تلڪُ لڳايان مان،
سمجهين تو توکان آنءُ ڏهوٽو آهيان!

اڄ تُنهنجي هَر ڍِؤنگَ کان مون کي آهه بُڇان،
ءِ جي آنءُ ڪُڇان، آنءُ عنايت ناهيان.

ٻي ڪنهن پِنّي لاءِ ڇا تو ڦاهو ناهيو؟
سوچي پيرَ وڌاءِ پاڻَ نه پوين ڪَلڏَ مِ!

Gul Hayat Institute

⊛ ڪِرانتي - انقلاب

چيا تون علاديـن آن مان آهيان دودو؟
ڪيڏو پُلي تو پيهر مون تي ڪَر ڪنيا!

چيا ساڳي تاريخ تو دُهرائڻ چاهين؟
آيو تون آهين اِن لئه منهنجي گهر گهِري!

چيا ڪان مون سان ڪو نه تا ڳڌجي هوُ جيئَن؟
ڪيڏو جلدي تن بنگلا ديشُ وِساريو!

تون پنهنجيءَ بندوق سان مون ڪان ڏاڍو آن،
پَر تو وانگر مان، توتي جي اُپري اَچان؟

Gul Hayat Institute

متان ڪنهن معصوم کي ماريان، اهو خوفُ،
مان بہ ڪلاشن‌ڪوف تو جئن تاڻي ٿو سگهان.

اَجـا آزادي ڪَنـيِ ڪَـدِي سِجَ جـئـن،
چـو تـو بـربـادي وَرِي آنـدي ڏَيـهـہ ۾ ؟

تون تہ چوين ٿو قوم آن ڇا توُن ماڻهو آن؟
قـومـون مـاڻـهـن سان بڻبيون آهن بانورا!

او شِـل! ڪَـرّ مَـرَن جَنـيـن ڏيـهـہُ ڏُکـيِ ڪَيو،
وِجـهـي هَـٿَ سَـرَن سـاَتـيِ چڙهن ڪَنڌئين.

Gul Hayat Institute

ٻــڌلُ ڪيـڏيءَ زهـر ۾ تُنهنجـو آهه ڇُرو؟
تـوکان ڪـو بہ ٻُرو مون نہ ڏٺـو هِن ڪَنڌَ ۾.

اَڄُ، اوپـارو تَـر، لهـواري سَـوَ لـوڙهـيـا!
تـون ٺـي پـيـٺـي پَرُ پنهنجو لهَر لپيٽَ ۾.

پهرين ڪونهي پاءُ پو هُو پيئَن تا لـهـو،
آڪـيـڏو ڪُنياءُ ڏرتيءَ سان هن ديس جي!

ڏونگرُ مورُ ڇڏي وڃي مون سوچيو بہ نہ ايءُ،
تـوڙي ايڏو سيءُ ڪارونجهر جي ڪورَ تي،

Gul Hayat Institute

چو تون پنهنجو پاڻَ تو ڪَرين ڪو نہ بچاءُ؟
آهي تو انياءُ سرتا! ڪيڏو سنڌ ۾!

جي تو پومي ڪَڄُ هوندين اگهِ جئن ويجهڙو،
هي چارو، هو ڄجُ، نيٺ تہ مانگر ماربو.

جي تون تپين ڪيرتَر جيئين تَپن گڏ،
پاڻ ئي تنهن جي پَڊَ ٿيندا سارا فيصلا.

ڪَنڌ ائين تا ڪورجن جيئين ڪنڌيءَ ڪانهَن،
جَن ماٺهوءَ جي دانهَن اُبيِ ولوڙا تي وجهي!

Gul Hayat Institute

پائـي چُنـي ڪـپـسري هيتانِ چولي لالُ
سِرَ تي ميندي، ٿالُ ڪنهن لِيءَ ڪنيئہ ڪامڻي؟

مون ڪلهہ ڪاري، رات ۾ توڪي ڳاتو باڪَ،
سوُرج ڏيندو ساکَ مُنهنجي آدرياوَ جي.

جڏهن چمڪي چَنڊُ تو قَراقُرمہ تي،
ڏِسِي ماڻهو، ڏي آهي ڪيڏو وائڙو!

آڏيءَ رات آشوڪَ، مون ڪي سَپني ۾ ڏٺو،
اُن ڪان پوَ هي لوڪَ پاڳل لڳا جاڳَ ۾.

Gul Hayat Institute

آڏيءَ راتِ اَروڙ تـــي ســتـــارو آهـيـــان،
اَڄ ڇـا تـو چاهيان، مان ڏاهَر جي ڏِيهه ۾؟

ڏاهَـر! تـورو ڇُڃَ ڏِي جـي تُون وَريـن ها،
ايئَـن نـہ مَـريـن ها، وِڙهندي ويرين وچ ۾!

ڏوڪـي دُشـمـن وچ ۾ ڏاهَـر جئَـن مَـرنو،
ڏوڪـو اڄ ڪَـرئـو، اهـڙو ناهي پاڻ سان.

هي جو آهي ڪوڙڪيءَ مرگهہ اُنهيءَ جي رڙِ،
ڪَـري تـي ڪاوڙِ ڪـيـڏي آدِ جڳاد تـي!

Gul Hayat Institute

چا هُو سَرهه ڦَرُ جيڪو تو ماري وڌو،
تو جئن آهه اَمَر مَري مَرندو ڪينڪي؟

چا ڪو ناهي تو سگهي پِپِلَ تُنهنجا پَنَ؟
توکي مُنهنجي مَنَ، سَمجهي سمجهو ڪينڪي.

آخر ڪنهن جي سوچ آ هيءَ جا سِرنهن سونهَن؟
ڪنهن جي هيءَ وِرونهن اکين جا آتت ڏئي؟

چا آهي سنسارُ ۽ ائين چو آهي؟
لاڳاپا لاهي، پايان ڪَو ان جو پتو.

Gul Hayat Institute

اَڄ تائين مون کي ڏنو، ڏسُّ نہ ڪنھن ڏاھي،
ڇا لئہِ "ڪجھہ" آھي؛ "ڪجھہ بہ نہ" جي جاءِ تي!

ھو اونھو آڪاشُ ڇا اڪارڻ آھي؟
ڌرتيءَ کي چاھي، ڇا ڇا مون نہ وِساريو!

سڀڪجھہ پيدا تي پيو "ڪجھہ بہ نہ" مان ڪيئَن؟
ڇَھڪي جنھن سان ھيئَن پيئي باکَ بَسنت جي.

ٻُڍاپي ۽ موت کان جيڪا آھي دوُر،
جَنھن کي ھِن سنسارَ جو، دُکُ نہ ڇُھي مُورُ،
پيارُ اُنھيءَ جو سچُ آ، پيارُ اُنھيءَ جو پُورُ،
ڌرتيءَ ۽ آڪاس جو اُن ۾ سارو نُورُ،
جيئِين حالَ حضُورُ، تيئِين آئيندو اڳيان.
(ڇَندوگيہ اُپِنشدَ)

Gul Hayat Institute

ڪَـڏُون ڪُـوپـا ڪيـترا سامهون اَيرو واءَ،
آءُ ٿَـڪـو هـان پَنڌَ ۾ تون ئِي مون ڏي آءُ!
هِي جو منهنجو گهاءُ، چِڪِي چِڪِي ڪيترو؟

ميـان! مون ڪان ڪونہ ٿو پُڇِي هاٿي پَنڌُ،
سـائيـن! تـو سوڳنڌُ موٽائي وَٽُ جِندڙي.

جيڪر پورِي ٿِي وڃي هيءَ ساري ڳِنَ ڳوتَ!
تون جي اچين موتَ، تُنهنجي ڪَيان آجيان.

هَـتـِـن هَـت ڪَڙولَ، پيرَ بہ سوگها پَنڌَ ۾،
روڪِي سگهين ڪينڪي، پوءِ بہ مُنهنجا پولَ،
ڇو اِئن مُنهنجا ڊولَ، مون ڪي پَرکين ٿو پيو؟

Gul Hayat Institute

پڀرين پائي گهنگهرو نچي مان بازارِ،
هَنيان وارون وارِ، نعرا اَنت اَناسَ جا.

گهنٽا روز گهڙيال جا وَر وَر ڏيَنِ واکَ،
مهمانو، اوطاقَ گهر وانگر ڀانيو متان!

ڪوئي موڙُ نہ توڙُ آ، آهيان پانڌي آنءُ
کهڙو مُنهنجو ڳانءُ ڪوئي ڄاڻي ڪونہ ٿو!

هيءَ جا انڌي 'نانهہ' آهي انڌوڪار ۾،
اِن ڪان پو ڪا 'آنهہ' آهي ڪنهن اڳٿي ڏئي؟

Gul Hayat Institute

اڳِتي جو اَندڪارُ، ناهي اڄ جي ڳالهڙي،
اَڄ جئن پارُ اپارُ جاچيائون هر جُڳَ ۾.

سڀَ ڪي سَمَيءِ ڪَڏَ ڇا ڳڙڪائي تِي ڇَڏي؟
ڇا هِي سارا سڏَ سَرچِي ويندا سانت سان؟

ڇا مُورڪتا ڪان متي ماٺوءَ جا ڪي ماڳَ؟
ڇا هِيءَ جاڳَ اَجاڳَ نِنڊَ نهوڙيندي ڪڏهن؟

جيڪر وسرامي ٿيان تو ڪِي ڪَري تياڳُ،
ڇا تون مُنهنجو ماڳُ؟ آءُ پُلو هان پَنڌَ ۾.

Gul Hayat Institute

اڄ مون تُنهنجي تات تَن مَن مان واري ڪڍي،
هاڻي مون کي ماتِ ڪا شيءِ ڏيندي ڪينڪِي.

سبُ ڪُجهہ گُذري تو وڃي هِي سبُ مايا ڙي،
ڪيئِي آيا ڙي، تو جِئَن هن سنسار ۾ .

پيهہ لڳي پيئي ڪيڏي آهہ پَرارَ تي!
هڪڙي بيڙِي جئن ٻُڏي ٻي ٻيڙي ويئِي،
ساندارو ڏيئِي، ڪنڌيءَ پَهتا ڪيترا.

مُرڪ مٽيا پوئي پَئِي سوچي پنهنجِي 'پوءِ'،
لُڙڪَ لڳي تِي لوءِ، ويندي پَرئين پارَ ڏي!

Gul Hayat Institute

گهڙيءَ جي گينوارَ ڏُونگرَ ڏورايا گهڻا،
سِجَ لٿي جو سار ڪيڏِي پيڙا تِي وئي!

ڪُلها ڪالهہ نِوائيءَ ڪائِي جيئن ٽاپا،
جُبا ۽ جهاپا، تو تي تِي ويا ٿهڪڙا.

✽ آءُ وويڪ آنندُ، سرچِني وياسين سوچَ ۾،
هاڻي ڪو بہ نہ بَندُ هن جي لَهر لَپيٽ تي.

سپنو آ يا ساپيا، هي سارو سنسارُ،
هِي جو مايا جارُ، چِڃي ڇِڃي ڪينڪِي!

Gul Hayat Institute

✽ وويڪ آنند - هندو ويدانتي.

توڙي هِي دُکَ سُکَ اوندهہ ٻوڙي ٿي ڇڏي،
اڳٿي لئہ جا ٻُڪَ، لَهِي لهي ڪينڪي.

شنڪر آچاريہ ڏنو ڇا لئہ ٻَجي ٻِجُّ؟
جُهڙ ۾ ڪوئي سِج آهي ڇا آڪاس ۾ ؟

ڇو تنهنجي ساڃاهَ ڪنهن ڪنهن ۾ پيئي ملي؟
مون کي تُنهنجي راهَ ڪيڏي روهہ رُلائيو!

ڇا هِي سارا ڏيئَڙا اَڪارڻُ آهن؟
ڪاڏي ٿيون ڪاهِن ڪَتيُون ڪارونيارَ ۾ ؟

Gul Hayat Institute

تيـاڳُ ڏنـو مـون تـرِپـتـيءَ آءٌ تـہ وَڏياڳي،
مـتـاڻ وِيـراڳِـي، تـِيـَـن مُنهنجي اپياسَ سان!

هـي بـہ ڪَپـي، هو پِـي ڪَـپي، ماٿهوءَ منشائُون،
۽ هـنِ جـي "آئـون"، پَـل لئہ پلبا ڪينڪي.

مـون سـبُ آسَ پَـلي چـڏِي اچـين يا نہ اچين،
چـو تـو اِيئَـن ڪَـرين اجُ سِيان جون ڳالهڙيون؟

ڪيـڏِي تُنهنجي اينگهہ اڃان تون آهين هِتي؟
لُـڏي پـِيئِـي پِينگهہ تـو لئہ ڪا پولار ۾.

Gul Hayat Institute

چا لئہ اينگھائين پيو، پنھنجو پويون پَلُ؟
ميان، هاڻي هَلُ، هر شِيءِ کي پُٺ تي ڇڏي!

هِي کھڙو آڪاسَ سان آ تُنھنجو انگلُ!
ڇو تو پويون پَلُ ڏرتيءَ کي ڇُھڻ پيو؟

مون کان موٽائي وَٺُ مُنھنجي آدَرش کي!
پاتو ڏُکُ رڳو پرين مون اُن کي ڳائي،
چا اُن کي پائي، آءُ سَگھان ٿو جيئَري؟

ٻُڌيءَ سُڌيءَ ڳالھڙيءَ مُنھنجو نہ ويساھُ؛
تُنھنجو مُنھنجو ناھُ آندو سانجھيءَ سَمندَ تي.

Gul Hayat Institute

نِپَٽ انڌا ياڻءِ تون اِيئَن نہ اُن جا نيڻَ،
چِو تو ايڏا وِيڻَ، ڏٺِين نيرِي نَڀَ کي؟

ڇا تُون انڌو آنهہ ڙِي اي نِيرا آڪاشَ؟
ڇو مون مِ وِشواسَ، تو لئہ نيڻَ نِچوئِيا؟

اُن کي نَوَ لَکَ نيڻ ها انڌو ناهي اُپُ،
تُنهنجون ڳالهيون سَڀُ، آڏو اُن جي اڪئين.

وَقت وِڇائُن تا پِيا دنيا جا ڏَنڊا،
هي جيڪي سَنڌا مون ۽ مُنهنجي چَنڊَ مِ!

Gul Hayat Institute

هُو ئي آهي ناڪئو هُو ئي آهي سَمُنڊُ،
هُن سان تو ۾ گُهنڊ، ڳُهلا ڪَهڙيءَ ڳالهہ تي؟

ڇا هي پيريءَ جُون ڳُهليون ساريون ڳالهڙيون؟
ڪِڙيي پاڻَ پيون، مُنهن انڌيري مُڪڙيون!

هَر ڪو مون کي ائِن چوي، ’تِڙڪِي پيو آهين،
’ڪارونجَهر تي چَنڊَ کي ڇا لئہ تو چاهين،
’جيڪو پَرانهِين ڏِک ڏئي پو لارَ ۾؟‘

❁ ڳُولي تو ڳوليان نوڙِي آنءَ نَئينگ تي،
تو کي تو ڦوليان تَون جو پاڇو چَنڊ جو.

---

❁ نئينگ – نئين ڳاج ڪان ڪجهہ پنڌ تي پاٽيءَ جو هڪ قدرتي چشمو.

تارَن کي پُٺ تي ڇَڏِي وڃين ٿو اڳتي،
تَرسِي ڇو دگ تي، پُٺ تي ڏِٺئہ پِرٿوي؟

هِي جوٺو جنسارُ سَيُڪجھہ واري ٿو وڃين!
اهڙو کھڙو پارُ وَيو آ تو کي وٺِي؟

جَتُ اوچي آڪاس کان مون لئہ مَٿِيرا،
هيِ تُنهنجا پيرا، گھري نِيري سَمندَ ڏي.

هِي جي منهنجيءَ ديدَ کي ڪَن ٿيون ڪتڪايون،
ڇا هي ساريون ڪيتڪيون اُنهن مانَ آيون، ❁
ڌرتيءَ جون ڄايون جيڪي ڌوڙِ سمائِيونُ؟

Gul Hayat Institute

---

❁ ڪيتڪِي - هڪ گُل

وَڃـڻـو هــان وَٽـڪــارَ مان سَڏي پَئي سُڄ،
ڄَـڻ تـہ آڏوري اُڄ لَـڙِـي مُنهنجِي لوڪَ ۾!

ڏورُ ڀِـهــاڙيءَ پيـچـرا، شـفـق جــو پاڇو،
ساڳِي ڇا ۽ ڇو، مون سان مُنهنجي پَنڌ ۾!

آءُ قناتون ڪَڻُ، سَفَر لَـئہ سانـبـاهہ تــون!
تُنهنجِـي مَـٿــان ڄَـڻُ، تـارا تَنبوءُ تِي وَيا.

تـِڏي تِـرل رِل، ســاڳِــي آ سنـگـيـت ۾،
دَهڪِي ٿِي ڪَنهن ديدَ لئہ مان يانيان ٿو دِل،
جَرڪِي جا جهل مِل ڪَندي مُنهنجي جِيءَ ۾.

Gul Hayat Institute

* ڳايون جئن ڳوڏول ۾ پَنهنجي ٽورَ ٽُرنَ،
مُنهنجي مَن ۾ گهنڊيون سارو وَقت ٻُرَن،
صديون جڻ تہ سُرَن سانجهيءَ ويري سانتِ ۾.

ڪيڏيون مُرغابيون منهوڙي تي واءُ ۾،
سي اُڏرِي ويندیون بَندر تي چوڳو چُڳِي!

هُو اونداهي سَمنڊَ ۾ پَرتان جيڪي ٻيٽَ،
هَر هَر لَهر لپيٽَ مون کان ڪيئَن لِڪائيا!

هِيءَ جا مُنهنجي جندڙِي جئن ڪو جهونو گهرُ،
اَجان جنهن اڳِر چمڪي پيو چنڊ ۾.

Gul Hayat Institute

---

* ڳوڏول (هندي) – ڏوڙ جا ڳئون ويندي اُڏائيندیون آهن. شام جو سمو.

جنهن کي تو جِئڻ ساهُ آ سَهو مارِ نہ ٿُون!
آهن جَڻُ تُنهنجون ڏوڙون اُن جي ڏَپ ۾.

ڪيڏي ڪِل ڪِل ڪيپَ ۾! ڪيڏا ماٺوڙ راڳَ!
جيڪي جِڻُ تہ مهاڳَ آهن هُن جي اَنت جا.

جيوَن جِيِيءَ جيئَن چر ۾ جَرڪي تو وچي،
رَکَ تِيَن تا ايئَن سارا سانگَ سرير جا.

نہ ڪِي ڪوئي روپُ آ نہ ڪي ڪو بہ اَروُپُ،
رُڳو مَڙهيءَ ڏوُپُ مُنهنجو مَن ويڙهي ويو.

Gul Hayat Institute

هُو جو ازلي شُومُ پَلَ پَلَ ڳاٽانو ڪَري،
اڄ مُنهنجو مقسومُ، مون کي آڏو تو ڏِئي.

چِهرو لنوي تو، اُن جي رَڙ رَڙڪي پئي،
پويان پڙڪا تو ڏئي آڏيءَ جو ڏيئو،
مُنهنجي چاءِ چو اوندهه واري تِي چڙي.

ايڏي نيري سَمنڊَ ۾ ويا ڪونه وَريا،
توري دير تَريا ءَ پو سِيرَ سَمائيا.

چا اڳتي ڪو ميتُ آهي آدرياوَ لَئه،
ڪوئي آدي گيتُ جنهن جو گونجي تو پيو؟

Gul Hayat Institute

وڃڻو آهه پَرِي کُهه ڄاڻان ڪنهن ديس تي!
جيسين پُوانءِ نَرِي اڳتي پير وڌن نہ ٿيا.

مَندر مسجد کان پَرِي تُنهنجو گهرُ ٿاهي،
مون تو کي آڪاش مان ڌرتيءَ تي لاهي،
ڇائِتَ بِن ڇاهي مَنِ ۾ جوڙِي مورتي.

ڌرتي! ڪيڏا ڏکَ تُنهنجا سُتا ولهہ ۾!
لرزي ويا لِکَ گُهوري جِن جي اَنت ڪي.

ڪيڏو نہ اَبهامُ، آهي مُنهنجي بيت ۾!
مون کي پهچي پهچندو مان پانيان ڇا عامُ!
سارو عَرش ڪَلامُ تارا طنبورو ٿيا.

Gul Hayat Institute

صبح سويري ڪڏهن، شايد مان نه اُٿان،
مُنهنجي ننڊ مِتان اکيون اورانگهي وَڃي!

آءُ ته هان تو لاءِ ڪنهن سپني جو سپنو،
هَئه هَئه مُون ڪي تو جوتو سمجهو جاڳ ۾!

هي خالي ڪوٺِي هِيءَ چانڊوڪي پِٽِ تي،
ڳولي تِي ڳوٺِي، تو ڪي، تون ويندو رَهئين!

ڪنهن ڪوٺيو؟ ڪاڏي وڃان؟ سَڏُ نه ڏئي ڪو،
ڇا آهي ڏوڪو جيڏيون سارِي جِندڙِي؟

Gul Hayat Institute

مون کي آکيِ "آءُ" تو ائن کو آڪاس مان،
جڻ ڪوئي پڙلاءُ آهَي اونهي سمنڊ جو!

ٻوليو ڙي ٻوليو سانت ڪَڍي مون هينئڙو!
ڪوليو ڙي ڪوليو پَنهنجا ٻُنيا پاهران!

وِچٿو آهه پَري ڪُهه جاٿان ڪنهن ديس تي؟
جيسيِن پيونءِ نَري تيسيِن پيرَ وڌن نہ ٿا.

ڪُوڪُو ڪُوڪُو ڪوَيليون وجان پيو آنءُ،
جنهن جو هو ترِتانءُ اَج تائين آڪاس ۾.

Gul Hayat Institute

هُڙيا هُونگاريو پانڌي ڏسي پَنڌَ ۾،
جنهن سِي ڪجُهہ واريو ٿَر جي ٿڌيءَ ريتِ تي!

ڪنهن جي آهہ نِهارَ ڪارونجهر جي ڪورَ تان؟
ڇا هِي ڪوئِي مورُ آ؟ اُن جي آهہ پُڪارَ؟
ڇا هِي مون ڪان ڏارَ چُري پيو چوٽ تي؟

ڏرتي! تو ڇاتو نہ ڇا تو وَٽ مان مهمانُ،
ڏيئي گيت مهانُ رَمندس پنهنجي راهَ تي؟

ڪيڏا نہ رانياتَ سمايا هِن سانت ۾؟
جن جا اوچا ڳاتَ آهن ڪيئي اُبَ ۾.

Gul Hayat Institute

اوچو آهي رِڪَّ کان هي تُنهنجو آوازُ،
جنهن جو پورو رازُ تو نہ پروڙيو جيئَري!

وَهندي نديِ وقت جِي جنهن جا آرَ نہ پارَ،
سَرجِي سِرجڻهارَ مَعنيٰ ڳوليِ موتَ ۾.

مان وِسرڻ جو ناهيان متان وسارين!
مون تو کي اَمرت ڏنو متان سو هارين!
ڏيِئي نہ پارِين مُنهنجيءَ اَمر جوت کي!

هِن مٽيءَ مان کِلَ ٻيهر کلندي وِڄُ جان،
دِوَليا! ڪهڙي دِلِ جيوَن کانَ پوِ موتَ کي!

Gul Hayat Institute

چو تو ساڙُ سُگنڌ سان تون ائن گُل نہ لَتاڙِ!
هِيءَ جي ڏرتيءَ جي ڏَجا ان کِي کِن پَلُ تاڙَ!
تو لئہ بي ڪنهن واڙِ اَهڙا رَنگ نہ رانئبا.

منّي آ مِنّي هيءَ ماڻهوءَ جي جندڙي،
جَيڪا جَڳ سان تِي ڪَري کِن پَل لئہ ڪنّي،
چاندبوڪِي چِنّي اوندہ ڪَان اڳتي اَتّي.

منّيءَ مُنهنجيءَ مان وَري نسري ڪيئي پيارَ،
آَئّي رُت رابيلَ جي واسِي هِن سنسارَ،
سانوڻَ سان وَسڪارَ ڪندا رُونجهَيءَ ريت تي.

سَهسين پيرا سُجَ مِ مِان تو ڪي ڳولِي،
سامِيءَ جئن ڦولِي وِيان تو وٺڪار مان.

Gul Hayat Institute

پَرلئہ ڪان جنهن جو اڳي آهي ڪو پڙلاءُ،
آءُ، هَلي اچ آءُ، تون مُنهنجي اُن گيت ۾ !

تو بِن هي سنسار اڳ جئن هَلندو ٿو هَلي،
ها، پر مُنهنجا يار تو بِن ڪا آهي ڪَمي.

تو مان ۾ جو اوچ آ سدا اُڀري ٿو،
ڪڏهن اُن جو پيارَ ۾ پَوي ٿو پاڇو،
ڪڏهن گِيت ٿيو برکا جئن برسي پيو.

هي جو مُنهنجي موت ڪان آهي پو بہ مَهانُ،
هائو، اِن آواز ۾ اُڀري ٿو انسانُ،
اِنهيءَ جو اِشنانُ گنگا ۾ آڪَاشَ جي.

Gul Hayat Institute

وچين تو وٽراهه ۾ اڳتي ناهي سُڄَ،
تو ۾ تُنهنجي اُڄَ، ڳولي لهندي ائٽ کي.

هي جيڪي رانياتَ سَمايا هن سانت ۾ ،
تِن جا اوچا ڳاٽَ ياڻءِ تہ اڳتي اُڀَ ۾ !

آئون مسافر آهيان وانءُون ووڙيندي،
مُنهنجا پيرَ پٿون تيا تو لئہ تاتيندي،
تو کي ڳوليندي، آهيان اَڃا پَنڌ ۾ .

ڪارونجهر تانِ چَنڊَ کي تاڙي ڏٺو مون،
ڪونہ لڀين تو تون، ڪنهن بہ گهنّا گهنگهورُ ۾ !

Gul Hayat Institute

شايد پري نانهہ تون ويجهو آن پيارا،
مون تُنهنجا چارا چوڏارِي ڳولي ڏٺا.

آکيري جي اوٽ تو، موٽائي مون موتُ،
فانِي تئي تو فوتُ، پَرڙا کوهي پَند ۾.

فنا اِجو تي ڪري هر ڪنهن بَقا ڪان،
چاهِين تو چاڪان نِيرَ اڳتي "نانهہ" ۾؟

اِچ، اِچ، آجو تيءُ، نِيرَ سڀ پاسي ڪري!
جَڳُ جي رڳو هيءُ، ڪَسُ نہ تو کي ڪارٽي.

Gul Hayat Institute

"ڪِونهي"، "ڪونهي" مون چَيو پوءِ بہ تون سائين!
پَيو ڪڙڪائين مُنهنجو دَرُ اَڌ رات جو!

جهونجهڪڙي جي جهانءِ ڪُڪڙن دَسَ هِنيا،
جِئن مون پيرَ ڪَنيا رِمِي ويئي راتڙي.

ڇا مان پنهنجو موتُ ايڏو جلدي ٿو ڏِسان!
روز ٿيان ٿو فوتُ روزِ ٿيان ٿو جيئَرو!

مَتان مان نہ مَران وَري ٿيان جيئَرو،
اُٿي عيسيٰ جان، رَمان پنهنجيءَ راهَ تي!

Gul Hayat Institute

ڪڏهن سيڪُجهہ آنهہ تون ڪڏهن ڪُجهہ ناهين،
آهين ئـي آهيـن، تـون جو مُنهنجي ڪوجَ ۾

"ڪبير" جيٽي ڪاٿَ جي مُنهنجو مَن موهي،
مُـنـهـنـجـا پَـرَ ڪـوهـي اُڏاري آڪـاسَ ۾ .

ڪيـڏو اڳـتـي تـو وڃان پُٺ تي پيرَ ڇڏي!
مون سان ڪنهن بہ لَڏي اَڄ تائين نہ نِڀائيو!

ڪـيـئـي پـيـرا بـازُ آيـو ۽ مـوٽـي ويـو،
ڳـيـري جـو آوازُ آڪـيـري ۾ آ اڄـا!

Gul Hayat Institute

توڙي مُنهنجي نِنڊَ ۾ ڪيئي ڪارا سَرَ،
تِرڪي وَڃن پَرَ تنِ مان سونهري مَڃيوُن!

ڪَلهہ جو مون کي تاجُ تُنهنجو پارائيوُن پئي،
ڇو مون تُنهنجو ڪاجُ پورو ڪيو ڪينڪي؟

آنءُ تہ ڪائي شَيءِ نہ هان سيڪجهہ آهين تون،
تو جو مُنهنجو موُن، آپنايو ڪنهن ڪاڄَ لئہ.

رڳن منجهہ ڦِرين پيو لهوءَ وانگر تُون،
موت سدائين مون، تو سان گهاريا ڏينهڙا.

Gul Hayat Institute

چا مانگر ۽ مورڙيو آهن تڏهن کان،
جڏهن سَمنڊَ اچان هِتيءَ کُنَ ڪَيا نہ ها؟

اَڳِ مِ هُيا سَمنڊَ کان مانگرُ مورڙِيو،
تهان پوءِ ٿيو واقعو تن جي ويڙهہ جو.

هاڻِ تہ لَتي سِجَ جا سَوين رنگَ تلاوَ،
تُنهنجي پوئين تاوَ رتا سَپنا ڪيترا!

نَرا اُيا جنهن، ڪَيا پئي موت تي،
چا هي سِتّون تَنهن، اُفق پارِ اُڏاريون؟

Gul Hayat Institute

چو تون مُنهنجِي اوچتو ڦيائين تو نِنڊ؟
ڇا هي تُنهنجا گِهنڊَ مُنهنجي لاءِ گُڙن پيا؟

اورانگهي آئين هڙڪا ڇانئيُتِ چِتَّ جي،
وينو هلائين ڪاڏي ونجهه وِجود جا؟

اَمي! هن سنسارَ ۾ تون آهين مون ساڻُ،
ماَن جَڻ پَنهنجو پاڻُ پانيان تو تو گودِ ۾!

موٽايو آ-ڀارَ ڪي مون ۾ مُنهنجي مون،
اَمي! اَمي! تون آهين شَفقِ اوٽَ ۾.

Gul Hayat Institute

سارِي پرڪرتي لڳِي ٿِي ڄڻ مُنهنجي ماءُ!
ڄڻ هُو مُنهنجو پاءُ اُڀريو آ آڪاس ۾!

تون بہ تہ مُنهنجو پاءُ ڄڻ آهين آڪاس ۾!
تُنهنجو چَنڊَ چِٽاءُ مون هَر سِٽَ سَمائيو!

ڇا هي تُنهنجا تِرورا هي جي مُنهنجا سُواسَ؟
اوءِ اَبا آڪاسَ، مون تي تُنهنجا هَٿڙا!

تارَن تائين آن‌ءُ ڪنهن ٿَهلايو آهيان؟
ڄڻُ تہ وهائوءَ نانءُ وَرتو مُنهنجو وِلَهہ ۾!

Gul Hayat Institute

اُنَ جو پِرايو اهو ۽ هي ماٺهوءَ مَنُ،
رڳو اِهو ڏَن تو سان ويندو موت ۾.

ائين ڪٿن ٿيندو مان جو ڪجهه پيي آهيان،
اَهڙو پَل ايندو ڪجهه بہ نہ هوندس مان جڏهن!

پِرين! جيڪو پيچرو اَزل جو آهي،
جِيئَڻَ-يِت ڊاهي اِن تي روز وڃان پيو.

موتُ تہ اَچي ايئَن جئن، جِهرڪي جهٽي بازُ،
ڪنهن بہ پروڙيو رازُ، ناهي اُن جو جِيئَري.

Gul Hayat Institute

چالئہ سينگارين پيو ايڏو هي اَستانُ؟
ميان، تون مَهمانُ جالِي جالينديں گهٽو؟

مَرڻ تائين موت سان اهڙي شرطَ نہ ڪَنهِن،
وِڇڙِي گِيتَ ڪَڏِهن تو ڪان ويندا ڪينڪي.

ڏرتيءَ مِ تو ڏانهن تو وڃان پيو آنءُ،
اَمڙا تُنهنجو نانءُ اَڃا مون نہ وِساريو.

اَمي، اَمي تون اَمي، تون آهين ڪٿي؟
تو ڳوليندي مون ڏَرتي، اَڄ ڏاري لَڳِي.

Gul Hayat Institute

ڪَلهه مون چيو چَنڊ کي "هاڻي لهي وَڃ،
"اَمي مونِ کي تَڃُ، اِئين ڏيندي ڪينڪي".

پوڄان تو مان پيارَ سان تو کي نمِي ايئَن،
جَنِ تون آميءَ جيئَن، مون لَئِہِ آهين پرِتِوِي. ❁

آ ساري سنسارَ مِ جِنِ تُنهِنجو نالو،
چَوُڏَس، شِوالو پَڄِنَ ڪيڏي ڀاوَ سان!

اُفق ڪان اڳتي وَڃي ڪنهِن سان تو ميلا،
پنجي اڪيلا سانجهيءَ جي آڪاس مِ ؟

Gul Hayat Institute

❁ پرتوي - ڌرتي.

هـي جـي ننـڍيا ٻـارڙا ستئـرَڙا چونـدِن،
ڳِرڪائـي ٿـي تِـن ڪـائـي وِيرَ سَمونڊَ جي.

ويـرَ وسـارِي ڪيـترا ڪَنڌيءَ تي ڪُڏڪَن،
تَـانگَهـَ نـ ڪـائـي تَـن متان اُتلي اوچتو!

ڇا ماڻهوءَ جي موتَ تي هَر شيءِ کُٽي ٿي؟
يـا ڪـا ٿُـٽـي ٿِـي مُـڪڙي ڦوڙي ٿانگ ڪي؟ ٭

جيونَ چاهي؟ تون اِهو، ڪيئَن سگهين چاڻين؟
جيسين تون ماڻين ڀِهرين پنهنجي موتَ کي.

Gul Hayat Institute

٭ ٿانگ - تاري.

مـوتُ بـہ آ جيئَڻَ جيـان ننڊ بـہ آهي جاڳَ،
مـونِ مِـ مُنـهنجـا مـاڳَ اَيڏا پاريَئہ ڏيئَڙا!

وَر وَر مُنـهنــجـيِ ڪَنَڌ مان اچا تـو ڳائين،
تـون ڇـا تـو ياڻيـن، مون ڪي پُورتـا ڏَئي؟

* سـانجهي ميرانجهيِ ڏسيِ ڪَنيُو بمبوءِ تان،
ڪـاڏي، ڪُـهـ ڇـاڻـانَ اُڏرِيِ ويـو اوچـتو.

رَهـڻـو نـاهـہ سَـرِيرَ سـان نـاتـو سَـدائين،
ڇـاجـي بـچـائين سـائين، پنهنّجي ساهَ کَي!

Gul Hayat Institute

---

* ڪنيُو - سمنڊ جو هڪ پکي.

چو تون پنهنجي ٻُڪَّ جون آگريون ڪولين،
اُن ۾ جو پاڻي هُيو تنهن کي پو ڳولين،
۽ پو جابولِين ڪِئن مان اُجَ اُجهائيان.

موتُ تہ سڀ ڏي تو اچي اُن کان ڪو آجو؟
هي تو کي چا جو اُلڪو آڏو تو اچي؟

پوئين سِپَ بہ پيءُ متان جامُ ائين جيڏين!
جيءُ اچا ڪُجهہ جيءُ تاتا تارِي موت جا!

هن کان اڳتي آهہ چا ڪنهن چاتو آهي!
ڏَسُ ڏنو ڏاهي کهڙي مونِي ماڳَ تان؟

Gul Hayat Institute

---

۽ جابولن – ننڊ ۾ ڳالهائڻ.

هُو جو اُونهي "نانهن" جنهن مانِ ساري "آنهن" تِي،
اُن تـي مـوٽِـي "آڳهِن"، واري سُرت سناوَ مِ.

ڇـا اي سِـرشٽــي مـاٺـهوءَ کي تو کانِ ملي،
پَـنـهـنجـيَ درشٽِـي آهي تُنهِنجِي گربِ مان؟

جئن کـو پـار ڦِـٽِـي کـري، يـِگل رانـدِيـکـو،
تـون ڏيـئـي لـيـکـو، وارينـدين سنسارِ کي؟

جيـئين جيتَن پـيـٽيوُن اِيئين نـاهـ نـه تُون،
تُنهَنجـوُن اُڏارون اگِتي کُجهـ آکاس کان.

Gul Hayat Institute

نيٺ تہ تُنهنجي جِيت تي نيٺ تہ مُنهنجي هارَ،
مان ڇا آهيان؟ ڇارَ، ٻَرِي پوءِ ٻُجهي وڃان!

هاڃُوءَ هَنيو ڪونہ اَهڙو ڏاڙو ڏُنڊ ۾،
سَر تي سانجهِي ڇو نہ تو تي مان واريو وڃان!

هِن ڌرتيءَ تي ڪيتري ان جي آهہ آٿاٿ،
هوءَ جا نِيري ماٿِ آهي اڳتي سَمنڊَ ۾!

ڪيئي ڇارا پيچرا ڪيئي وَڪَڙ وَر،
وَر وَر ساريءَ ڌَر مون تُنهنجا پيرا ڪنيا.

Gul Hayat Institute

مَڇيءَ هاٿِي نينگرِي ڪَنڌيءَ جا ڪُڏڪي،
ڇا ڪان تِي سُڏڪِي ٻارهوئِي ٻي پارَ لئي؟

هُونءَ تہ ملٺو آ ڪڏهن مون ڪي مِٺيءَ سان،
ڀانيان ٿو تہ مَتان اِن تي ڪوئي گُل ڪِڙي!

ساري رات سَراءِ ڪي پَنهنجو گهرُ سَمجهي،
نيٺ روانو ٿِي وَرتُئہ پنهنجيءَ واٽَ ڪي.

ڇا هيءَ واٽَ سمائبي ڪنهن اونداهي پَڪ،
جنهن ڪي تُنهنجي اَکِ گهوري پئي غور سان؟

Gul Hayat Institute

⊛ آواگـــوَن جـِـي تــو جـو ڪَـئـِي ڳالـهـــڙِي،
وَڻ تان مـون پَـٽ تـي لَـهـي ڏونـالي رکِـي،
⊛ ڦـاڙهـي مِ ڪَـهـڙِي ڇَـبَ ڇڪايو ڏيان کي.

متان مارين سِيڙهه کي گهري گهاٽي جَهنگ!
ڪٿ چئنجي اِنَ سَنگِ اڳِ تو گهاريا ڏينهڙا!

ڇَتـوُن؛ آمِـي ڏارَ مـون کـي وِسِـمَـئِ مِ وڏو،
ڇـا هـن جـون پـيـهـارَ ٻُـڏان پِـيـو ٻولڙيون؟

ڇـا هـي سـارِي عُـمـرِ هـو مُنهنجو همسايو،
جيڪو گهر آيو مون کانَ مُنهن اوڙهي کري؟

Gul Hayat Institute

---

⊛ آواگَوَن – جنم جنم جو چڪر.
⊛ ڇَبِ – شڪل، صورت.

مون ۾ ڪيئِي جوُئيون اٺ ڪُٽ اَڳياڙيون،
ٽاريون سَلهاڙِيون جِيئِين گهاٽي جَهنگ ۾.

تون تہ اُجهامِي ڪونہ وينديئين مُنهنجي آتما،
مون کي جنهن جيِ اونَ سو آ ساٿُ سرير جو.

مَتان اُٿيين ڪونہ تون ڪڏهن اَسُر وِيرَ!
ٻُڌي پِنيءَ پيرَ تو ۾ چُرپُر ڪانہ ٿِي!

ٽاٽي جا ٽوپيرَ آ اِنَ جُو اَنتُ اٿاهُ،
وَهي پيو واهُ ڪوئي آدِ جُڳاد کان.

Gul Hayat Institute

مون کي ڪائي "مون" اڳتي سڏڙا تي ڪَري،
متان روئين تون اوڳي! منهنجي انت تيٰ!

موتُ اَڌوري ننِڊَ آ تو پائين پُوري،
موتُ بہ ضروري آ ماڻهوءَ لئہ ننڊ جان.

✽ ڏِسُ، ڪيڏا ماڻهو ڌرتي ڪائي تي وڃي!
پوءِ بہ اُنِ جو تُون پيٽُ بُکايل ٿو ڏِسين.

مڇيرا ڪيڏانهن، مون من تُنهنجي چارَ ۾
وڃين ٿو جيڏانهن، آءٌ بہ اوڏانهين وڃان!

Gul Hayat Institute

✽ ماڻهو ۽ تون، قافيہ صحيح آهن.

جي تون منهنجيءَ سمجهہ کان مٿاهون آهين،
پو ڇو تو چاهِين، تو کي مِان پهچِي سگهان؟

جئن پتر ۾ ڇٽنگ تئن تون مون ۾ آهِين،
ڪڏهن تو چاهِين، اُيري اچين آگ جئن؟

جنهن تي ڪائي پُل نہ آ، تون اهڙو درياهُ،
تو کي منهنجو ساهُ، پهچِي پهتو ڪينڪي!

مان تُنهجو هان اولڙو يا مُنهجو آن تون؟
تو ۾ مُنهنجِي "مون"، تُنهنجِي "تِون" سان وئِي مِلِي.

Gul Hayat Institute

بـونـد سـمـائـيِ جيئَن هيڏي ساري سَمنڊَ ۾،
آءُ بہ تـو ۾ ايـئَـن پنهنجـو پـاڻُ سَمائيان!

تو کي چؤُ تہ سَماڻيان مان پوليءَ ۾ ڪيئَن،
تون جو هونءَ نہ هيئَن آهين هِن سنسار ۾ ؟

مـان جـو تُنهنجـو "تـون" چُـهـان تہ چِيهُون ٿيـان،
ڏوران ڏِسِـي مـون، تـو کـي آءُ لـنـوائـيـو.

منهنجـي مـن ۾ جـاءِ، آهہ وَڏِي سـنـسـارَ کان،
اَچ، اَچ لِـيـئـو پـاءِ، ڇـا لَئہ ڇِـرڪِـيـن تو پيو؟

Gul Hayat Institute

تو ۾ مون ۾ جا وِٿي، پَرجِي ڪِئن پَرجي،
تارِ بہ جي تَرجي ڪِٿ آهي تُنهنجِي ڪَنڌي؟

تون ئبي پاڻيءَ بوند ۾ تون ئِي آن پَٿرُ،
ها، مون تنهنجو گهرُ، هَر شَيءِ ۾ ڳولِي لڌو.

جي تون لا محدود آن ۽ ناهين محدود،
تُنهنجو آءُ وِجود ڪئن ساچاهِي ٿو سگهان؟

جي تون چڱائِي هُئِين بُرائي چاهي؟
چِتَ ۾ جا چاهِي جوڙيو آ تو جوڙَ ڪي؟

Gul Hayat Institute

تُون جو گهمّائون، تو ڪي نانگَ نِهارَ مَ!
تُنهنجون اِڇائون سمجهي سَمجهانَ ڪيترو!

ڇا جي لاءِ وِڇُون، تو ايڏا پيدا ڪَيا؟
پَر ڇاتين تو تُون ٻُجهه ٻُجهاندر ڳالهڙي!

ڇا تون آن آزاد يا تو تي ڪو زنجيرُ؟
يا تُون اڃا تيرُ جيڪو آهه ڪمانَ ۾؟

تون ئي قولَ قُلار ۾ تون ئي سَرءِ واءَ،
ڇا تون منهنجو گهاءُ تون جو جياپو ڏِئين!

Gul Hayat Institute

تون جون منهنجو موت آن تون جو خيالِ،
جَرڪِي تُنهنجيءَ جوت سانِ اچ وڃي چِاتِيءَ،
جڏهن تو جهاتِي پاتي قولَ قُلاڙ مان.

تو ڪيڏو انرت ڪيو منهنجي آءَ سان،
واڳون تاڻي رَتُ ڏِنُئَه مُنهنجي وَسَّ مِ!

واڳي ڇُڙواڳي تنهنجي آءُ وجود سان،
راتڙيون جاڳي اپنايم تُنهنجُون اِڪيون.

نه ٿي تون آزاد آن نه ٿي تون پابندُ،
مون تُنهنجو سوڳندُ آءُ بر تو جئن آهيان.

Gul Hayat Institute

توڙي توتي تو ڪجهه روڪين نه تو هَٽُ!
تنهنجو اَنتُ اَڪٽُ، تو لئه ڪارڻَ ڪيترا!

اَڄ جا بَدِي تِي لڳي، اڳتي به ائين آ؟
يا نيڪيءَ جِئن آ پنهجي پوئين اَنتَ ۾ ؟

ڇا تون اَڳين ڪان پَرِي آنهين ڪُجهه اَناسُ؟
ڇو ماٺوءَ اتهاسُ تو ڏِي آڳر تو ڪٽي؟

ڇا هِي تُنهنجو روپ جو چَنڊَ جيان آهي،
رفز پيو ڪاهي، پنهنجي اوندهه اَنت ڏي؟

Gul Hayat Institute

✿ هر شَيءِ پُجهي تِي نيت سرشٽيءَ اَنتَ تي،
پانيان مون ۾ ٿي ڪائيَ آگ جَلي پئي.
(مائِتري اُپنشد)

معنيٰ: آهر دکَّ ڪي پَرَتُون ڪئن جاڻين،
جيسين تون آئين ساڃهه آد جُڳاد جِي.

ڏُکُ نہ ڏُکٽهارَ ايڏا ڏُکَ ڏسي ڪري!
ڪِنهن جو ڏُکُ ڪئن تو ڪُپي هن ساري سنسارَ،
اِن تي ڪَر ويچارَ سَنسا سڀ پاسي ڪري!

روز نموريون نمُ ۾ نوريتَرا ڪائي،
سڀ ڪي ڏيکارَن پيا پنهنجي سَرهائي،
ڪاشيءِ اَجائِي ناهي هِن سنسارَ ۾.

Gul Hayat Institute

---

✿ سرشٽي - ڪائنات.

جيئين مون ٻہ اکيون، تيئين تو سنسار ۾،
تو سان آءُ رکيون ڳُجهہ ڳجهاندر ڳالهڙيون.

سِجُ لٿي جي جامَ مان پيئان تو مان سُرڪَ،
منهنجي منُهن تي مِرڪَ، تو کان لُڙڪ لِڪائيا.

هي سڀ ڪيئن ٿئي پيو تون ٿي تو جاڻين!
مون سان ساڻُ ٻہ تو رکين تي منُهنجو ساٿي.
هاڻي اُماڻين، تو ڪهڙي پولار ۾؟

ٻڙ کان اڳ ۾ ٻِجُ، يا ٻِجَ کان اڳ ۾ ٻڙُ؟
آءُ تہ ڄاڻان وڙَ جو مان سان ڇايا ڪيو.

Gul Hayat Institute

پاڇي جئـن پـويـان پـيـو مونِ تي اک رکين،
ڇو نہ ڪڏهن تو تين راهي، منهنجي روبرو؟

ايڏو ڏور بہ ڪـونـہ آ، ڇـوَن تا تـو گانءِ،
هي جو منهنجو نانءُ اِن مِ آ تنهنجو اَجهو.

ڪئن ڇنجي تون ڪير آن ڪئن ڇنجي مان ڪير؟
ڇا تـون آنهہ متير يا مون سان گڏ تو هلين؟

ڇـا هـي سارو مـوت جو پـاڇـائـون آهـي؟
مـون تـو ڪـي ڇـاهـي، ڇو ڇيتاريو ڇت مِ؟

Gul Hayat Institute

ڪو بہ تہ ڏَسي ڪونہ تو مَن ۾ ڪئن آئين!
بادل ڪَڏين بُرج جئن تئن مون تي ڇائين،
بوندُون برسائين، وَرَ وَرَ مون تي مَهر جُون.

سُس پُس ستاري، ڪئي ڪاريءَ پاڻَ ۾،
"جيئاري بہ اُهو جلڏهن، جيڪو تو ماري،
"اُن کي للڪاري، تو ڇا پاتو لوءَ ۾؟"

ڪُولي تُنهنجي ڳُجهہَ ۾ ڇا پاتو آ مُون؟
اَڄ بہ آهين تون، مون لئہ اگ ڪان اوپرو.

مان ڇا سَمجهان انتَ ۾ چاهي بُرائي!
چاهي چڱائي تون ئي سمجهي تو سگهين!

Gul Hayat Institute

تون ئي موتَ حياتِ ۾ نيڪي بَدي تون،
تو ۾ مُنهنجو "مون" پهچي ويو پاڻ کي.

ڇَپَرِ جئن مون تي هُيو تُنهنجو ڇانورڙو،
مون مَنُ بانورڙو تو ڪاڻ ڇو چرڪيو پئي!

تنهنجي بُرائي چوان يا مان چڱائي،
تو تي ساري سوچ آ مينهنجي اَجائي،
هي سارو سنسار آ تُنهنجي اڪائي،
هَر شيءِ سمائي ڳُوڙها تُنهنجي ڳجهه ۾.

تو کي ڏڪاري مون ڇا پاتو آ پرين؟
تُنهنجي سَهاري سارو جَڳُ جيئي پيو.

Gul Hayat Institute

نہ ڪي ڪنهن ٻہ اُپائِيو نہ ڪي ٿيندو ناسُ،
آهي هُو آڪاس اِتيئي، اِن جاءِ تي!

تون ئي هُو آڪاس آن تون ئي اُن جِي ڪَهہ،
جيڪو تو تہ پَهہ آندو آهہ وجود ۾.

ڌرتي ۽ آڪاسَ تيِ تُنهنجو ڪيڏارو،
نوبتَ نغارو جنهن جو وڄي وِڄ جان.

تون جئن سِجَ سَتاءَ سانوڻ جي آڪاس ۾،
ڪڏهن تَنهن ۾ تاءَ ڪڏهن جُهڙُ جَهلڪا ڏئي!

Gul Hayat Institute

جڻ اوچي آڪاش کان موَن لئہ منتيرا،
هي تُنهنجا پيرا، گهري نيري سمنڊ ڏي.

مون کان جي پَلَ تو کسي هي جُوئو جنسارُ،
وَر وَر جڻ وِيچارُ تِنِ جو تو ڏي تو وڃي.

"ناهين" چَوي ڪير تو تون آهين، آهين!
ها، پر تُون ڄاڻين ڪنهن بہ تہ ڄاتو ڪينڪي!

اُپري تي آڪاسَ ڏي ڪيڏي سمنڊَ اِڏامَ!
چو مون تُنهنجي مامَ اَڄُ بہ سمجهي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

آهين يا ناهين، چيو نہ وَرائي تو ڏئين؟
مون کيئَ تُنهنجي پريتّ تي چِڪي پَرانهِين،
آخر تون چاهين مون تي چِپر چانوَ جئِن؟

ڏرتيءَ تي ڪيڏا ڏکا تو لئہ ڪاڏا مون!
مون ڪان اچا تون چا لئہ لِکندو تو وَتين؟

توڙي واري جندڙي مون تو تي پَل پَل،
پوءِ بہ سُوني تي لڳي ڌرتيءَ جي ديولَ،
اَڄ نہ مون ڪان الِ گُجهہ ڳُجهاندَر ڳالهڙي.

اَچوتي آهي اَجا تُنهنجي جندڙي،
مون تو کي چاهي ڪو پاچو اَپنائيو.

Gul Hayat Institute

چاهي منهنجي وسَّ ۾ آءٌ تہ هان بيوس،
ايڏا نيَر انئڙا! پَل تون مون تي ڪَس،
نيتَ تہ ڪندين بس، ڏسِي وَڏَ وجود جا!

مَندر سب موهي چَڏيا، نچي نچي آنءُ،
پوءِ بہ تو وَتُ ڪونہ آ منهنجو جڻ ترثانءُ،
اَڄ بہ تُنهنجو نانءُ مون لئہ آهي اَجنبي!

ڏوهي بيڏوهي ڇا تون ئي سنسارَ ۾ ؟
ڇو تو مُنهنجي جندڙي مُرڪي هڻن موهي؟
تو مُنهنجي ڊوهِي آڏو اَچين ڇو نہ ٿو؟

سو ئي رکوالو هُيو سوئي ڇپَر ڇيٽُ،
ڳاٽي سمجهي ڳٽُ، جنهن کي لاٿُم لوڪَ ۾!

Gul Hayat Institute

نَچِي نَچِي ناچُ تو لِئ پيرَ ٿَڪائيا.
تُنهنجي لاءِ ڪُماچُ اڄ بہ تو ڪارُون ڪَرِي.

مون کي پُڌين ڪون تون آءُ تہ اُهو سِڏُ،
آهن جنهن سان گڏُ ڪَتيون ڪارونيار ۾!

مون جا پُڇي "چو" اڄ تائين آڪاس ڪان،
آهي جَنُ پولارَ ۾ تَنهن جو پَڙاڏو،
اڄا مون کي تو، ڇا لَئہ ناته وَرائيو؟

هي منهنجا هَٿَ ڏسُ، جي اَڄ مُنهنجي ٻُڪ ۾!
سَائين ڏي ساهَس، چُڪِي پيئي چاهَ مان!

Gul Hayat Institute

مُنهنجون بيخوابيون اڄ تُنهنجي سوداءَ ۾،
جن کي مُرغابيون گهري نيري سَمنڊَ ۾.

اُبي ۾ نَوَ لَکَ نينَ ها اَجوڪيءَ اڌ راتِ،
مون کي تُنهنجي تاڻ تارَن کان بہ پَري نيو.

ڇو اَڄ تُنهنجي اَکَ ڦِرَ ڦِرَ مون ڏي تي ڏسي؟
ايئَن نہ مون کي ڪَڪِ واڄهہ وِڃهي سنسارَ مان!

مان تي تُنهنجي بَنسري مون ۾ پرين تون،
تو کي ڪڏهن مون، ڏارَ نہ سمجهو پاڻَ کان.

Gul Hayat Institute

تارا ترن اُڀَ ۾ هي چوڏاري سانتِ،
آڌيءَ جو ايڪانت، مُنهنجو من موهي وئي.

هِن ڌرتيءَ جي ڌِير ۾ ڪوئي ڦيرُ نہ ڦندُ،
جن آدي آنند آهي اُن جي سانت ۾!

اڄ ڪوئِي مون ۾ نہ آ آڳ وانگر طوفان،
مان جو سمندَ سمانُ آهيان ڪيڏو ماٺ ۾!

تون مُنهنجو آواز آن تون جو آدي سُر،
هيڏيءَ ساريءَ سانت ۾ آ تُنهنجي چُر پُر،
هيئين مون هُرڪُر سَمَندِ ٻُري جئن ڪوڏَ ۾.

Gul Hayat Institute

مون مانِ ڇايو آنهه اڳُ، ڪيئي پيرا تون،
پيري پيري مون تو ڪي روپُ نئون ڏنو.

ڄڻ ڪوئي پڙلاءُ گُمُ ٿئي ٿو سڏَ ۾،
مون کي آڪي "آءُ" ائن ٿو ڪُو آڪاس مان!

ڪنهن جِي آهه نِهار واريا سِي جي واٽَ تي؟
ڇا هِي ڪوئي مورُ آ اُن جي آهه پُڪارَ؟
ڇا هِي مون ڪَاَن ڏار ڇُري پيو چوٽَ تي!

ڇا ڪنهن اَزلَ-آڳَ جو تونَ آهين مَحرابُ؟
ڇا تون مُنهنجو خواب آن يا مان تُنهنجو خوابُ؟
تو لئہ روحَ-رَبابُ لرزي ٿو هر لُونءِ ۾!

Gul Hayat Institute

آءٌ مسافر آهيان واٽون ووڙيندي،
منهنجا پير پٿون ٿيا تو لئہ تاتيندي،
تو کي ڳوليندي آهيان اڃا پَنڌ ۾.

دنيا اڪيلي انڌيري اڌرات ۾،
سارو وقت سُڳنڌ ۾ ڇَمڪي چنبيلي،
ٻانهَن نہ تون ٻيلي، تو کي ڳوليان ڪيترو؟

اونداهي اڌ رات واٽ اَڪيلي وائڙي،
ڪيئي مَندر مسجدون ڇڻ تُنهنجي بارات،
پر منهنجي جا بات ڪنهن بہ نہ سمجهي ڪينڪي!

Gul Hayat Institute

واٽهڙو وٽراهہ جو ويرانيون ووڙيان،
پيرَ نہ ٿو ڪوڙيان تُنهنجي پُٺ تان پَنڌ ۾.

آءُ تَڪو هان پنڌَ ۾ تون ئي مونَ ڏي آءُ،
صدين جو سوداءُ سانيي ڪيسِين سانييان!

صَديون تون مون لاءِ ڇڻ ترسيو آهين پرين!
اَڄُ تہ تون نئِن گاجِ ۾ سانجهيءَ سجُ سَماءِ!
پَندرو تيءُ، پُڄاءِ، مون لئہ پَندَ پهاڙ جا!

هر چانئُت تيڪي منهنجو مَنُ اڳتي ويو،
پَل پَل مُگرا ڪيتڪيون تو تي چاڙهي ڪي،
اڄ تون ئي ڏي ڪي مون کي پُشپ پلاند ۾!

تُون مون کان ترڪي وَئين وَر وَر چاري تي،
مون تو کي چيتي ڪيڏا پَندَ پُڄائيا!

Gul Hayat Institute

صديون ووڙي ميت، نيٺ ڪٿي ڌاپو ڪندينءَ؟
او شل، مُنهنجا گيت، ترسن تو لئہ توڙ تي!

تُنهنجي لاءِ وڄي مُنهنجو تَن طنبورُ جئن،
روز نئينءَ سنگيت ۾ مُنهنجو ساهُ ڪڇي،
تُنهنجي ڪَڏَ پڄي جيئين جهونو واءُ جو.

مون ڪان سَوا ڄڻ تون بہ تہ آنهي اَڪيلڙو،
اَڄُ اَڄُ هائي ڪنُ مون ڪي اونهيءَ ڪَڏَ مان!

اجائي ناهي مُنهنجي ڳولا اي پرين!
ڪَڙو آهي ڪيرڙتَر سڄُ لٿو آهي،
تو ڏي ٿي ڪاهي، مون سان ڇپ ڇلانگَ ۾ .

Gul Hayat Institute

ڪيڏا منيءَ تهه ڏندَ-ڪَٽائون ڪيتريون!
آ نيري آڪاس ۾ پوءِ به منهنجي ڪَهَه!
مون ۾ تُنهنجا پَهه پوئينءَ ويرا ڪيترا!

ڪيئي پيرا پَلَ تو لئه ڪَيَم پَندَ ۾!
تاهي سَگهيا ڪينڪي مون کي هيڏا هُلَ،
❁ جيڏا ڪيڏا جُلَ مون کي ڏنئه ماڳ ۾!

مان تُنهنجو پيرو وڏا پَندَ پهاڙ جا،
ڏُوران تمڪن باهڙيون رَستو اَويرو،
توڙي تو ڏيرو، مُنهنجيءَ وِکَ وِرانگهه ۾!

مان ئي آهيان بانسري، مان ئي بِرندابَنُ،
تو ۾ مُنهنجو مَنُ آهي آدِ جُگاد کان.

❁ جُل - لَمَ ، ڪوڙا آسرا.

Gul Hayat Institute

* مان ئـي ٻـَڙ جي ڇانوَ هان مان ئي سَدارَٿُ،
روڪي پنهنجو رَٿُ مون کي ڳُوريندين گهٽو؟

تون مون ۾ ڪو گيت آن مون ۾ جنهن جي گُونجَ،
ڪارونجهر تي ڪُونجَ جَنُ ڪا ڪِرلائي پئي.

آهـيـان آءُ اُڏار ۾ تـو ڏي شُـعلي جـان،
اڳتي تون مون کان نڪري ويندين ڪيترو؟

"هَـمـه اوسـت" هـزار، وَڻ ٽـڻ وايُون واءُ ۾،
تون جو دُور لڳين پيو مُور نہ مُون کان ڌار،
تُنهنجي لاءِ ڏڪارَ دَرِ دَرِ ڏڪا پَند ۾.

Gul Hayat Institute

---

* سدارِٿ- گوتم ٻُڌ

ڀھـراڙيءَ ۾ تـو ٻُـڌي سَـنرَ ۾ سورجُ جيئَن،
تـو پڻ مون ۾ تيئَن سَھَسين رَنگَ سَمائيا.

آءُ تـہ ھن آڪـاسَ ۾ ڪيـڏو تو پُٺ تان،
پيـو سَڏَ ڪيـان، تون جو ٻُڌين ڪونہ تو!

جي ڪنھن دَر مان تو لنگھان ائين تو پاسي،
ڪوئي مون پاسي، مون سان گَڏجي تو وڃي!

جتـي بـادلَ ٻـرجَ اُتـي تـون آھـين ڪٿي!
تـو لئہ منھنجيءَ گھرجَ ڏونگر ڏوريا اُپ جا.

Gul Hayat Institute

ڳِلي نـاهه ڳِلي تُنهنجـي پـيري ڪـان سـوا،
تـو سـان آءٌ مِلي سـارو ڳُـجـهه سُجـهـائيو.

آهـي تيـزُ اُڏارَ مُنـهنجـي اوچـي اُڀَّ ۾،
جَـڻ منهنجـي پـروازَ لئہ واجَـهه وڏا سنسارَ،
جـڻ مـون ڪَـتـيءَ ڏارَ اڄِ آڪيـَرو آڇيو!

تـون جو مُنهنجو مُنتظِر مُڙان تـو تو ڏانهن،
جِيئن ڪـوئي ڪـانـهُن مَدماتي مهراڻَ ڏي.

ڇَنُ تـون آهـين ڪـيرُ اڻ -ڄاتي آڪاسَ ۾؟
ڏرتيءَ تان تنهنجون ڪٽيَ پهتو آهيان پيرُ،
آهـين ڪـيـرُ مـتيـرُ تارا جنهن جي راهه ۾ ؟

Gul Hayat Institute

تو سان آءُ گُهمان پيو ڪَتيءَ ڪِپَر تي،
مون ڪان مُور تِپيو نہ آن پِرين تون پَرتي،
توڙي سفر تي گهرَ مان نڪتين ڪينڪي.

چا تو مُنهنجيءَ راهہ تي ڏٺا ستارا،
نوري نظارا اَٹ چاتي آڪاس ۾؟

اَندرُ ڪنهن آڙاهہ جئن جَرڪي ٿو تو لاءِ،
مون تي مينهن وَساءِ آگَمِ اوهيرا ڪري!

ان جو پرلئہ ڪان اڳي آهي ڪو پڙلاءُ،
آءُ هلي اَچ آءُ تون مُنهنجي سنگيت ۾.

Gul Hayat Institute

او شل! مُنهنجا گيت، ترسن تو لئہ توڙ تي!
صديون ڊوڙِي ميتَ، نيٺ ڪِٿي ڊاہو ڪنديِن ؟

جڳ ۾ اهڙي شيءِ نہ آ نيڪي برائي،
تو ۾ سمائي ساريِ سُرت سنّاوَ جي.

اڪٺ نِڪٽَ سوچَ ۾ تُنهنجا پَرن تا،
مون ۾ ترن تا تُنهنجا ڪيئي تِرورا.

ٻانهون وَڏائي توڙِ ستارا اُبِّ مان،
پنهنجيءَ امرَ لاٽَ مان تيڙو تمڪائي،
وَري اچ ڳائي مِلُ ساري ماندڻ سان.

Gul Hayat Institute

مان ئي هان منجهڌار ۾ مان ئي ڪپر تي،
جتن پنڇي جر تي تتن هي منهنجي جنڊڙي.

ڇا مون ۾ ڪائي ڪمي يا تو ۾ ڪو کوٽ؟
ڪاري ڪتيءَ موٽ مون وٽ منهنجي ولهه ۾!

ڪارن گلابن جڏهن رتو ماڪ ۾،
تنهنجن حجابن متون ڪان پردا واريا.

تون ئي آن هر گام تي، تون ئي منهنجو گانءِ،
تون ئي منهنجو تانءِ، تون ئي اُن مان آچپو.

Gul Hayat Institute

تو کي پائي ڇا ڪَندس؟ آءٌ تہ تُنهنجو پَنڌُ،
سائين! تو سوڳنڌُ متان اڇين وِڇڙو!

تون جون مون کان ڏورِ، مون کان مون کي وڇڙو!
آءٌ مگر مجبورَ لَهي لَهان ڪينڪي.

ڇو تو جاڳائين، موٽائي ڏي ننڊڙي!
تون ڇا تو پائين، ڳائي آءٌ ٿُتّي پوان!

سياري جي اُسَّ تون اونهاري جو جُهڙ،
ڪَيمُ ڪيڏو لُڙ تو کي سمجهي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

جهونجهڪڙي جو جهيرٽا مَهي ولوڙِن،
پيرَ نِہ پَر ڪوڙِن جيڪي تُنهنجي پَنڌ ۾ .

تو جو مون کي اُجَ ۾ پِيَرِي ڪوسَ ڏنا،
مُنهنجا نينَ پِنا ٻانهون ٻاجهاريون ڏسِي.

ڪڏهن سيڪجهہ آنهہ تون، ڪڏهن ڪجهہ ناهين!
آهين ئي آهين، تون جو مُنهنجيءَ ڪوجَ ۾ .

هڪ چوليءَ کان سَمنڊَ ۾ پِيءَ چوليءَ تائين،
ڇا آهي سائين مانِ ڪِئن ڄاڻان جيئَري!

Gul Hayat Institute

مان ئي تُنهنجو تِيرُ هان، تون جو شڪارِي،
مان پنهنجو مارِيَ، تو تي ڏوهُ نہ ڏيهَہ ۾.

سَدا اهڙيءَ سپّ جئن لڳو آهين تون،
موتِي منجهاروَن جَنهن جي ڪُنا ڪينڪي.

هانِ تہ لَتي سِجَّ جا سَوين رنگ تلاوَ،
تُنهنجي پوئين تاوَ رَتا سَپنا ڪيترا!

ڪيئي رنگَ سُرنگ ها ڪيئي ليپَ اليپَ،
مون تان تُنهنجا ڪيپَ لهي لَهنِ ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

تون سورج آن، آنءِ جَنُ سورج مُکيءَ کيتُ،
منهنجو هر هڪ بيتُ ٻَري تُنهنجيءَ ٻاجھ سان.

تون جو ڏيئي لاتَ جَئَن مون ۾ پَرين ٿو،
ڇا لئہ ڪَرِين ٿو مون لَءِ اوندھ اَوچتو؟

ڇا هي تُنهنجو ٿِي سگهي ٿو پويون اندڪارُ؟
سِورِجَ جو سنسارُ تون جو مُنهنجي سوچ ۾ ؟

مُنهنجيءَ ڪَوِتا ڪي ڏنو تو ئي اُجيارو،
تُنهنجو اندارو مون لئہ مُنهنجي آرسي.

Gul Hayat Institute

چَئُہ تـون ايڏيءَ ڍيرِ سان آيو آهين ڪيرُ؟
ڪَڇي پيو پيرُ جنهن جو مُنهنجي ساهہ ۾.

هي سَڀ تُنهنجي ٻاجَهہ جُون ٻِرانگهُون آهن،
مون لئہ ڪجهہ ناهن سارا پنڌ پهاڙ جا.

تُنهنجون نگاهُون مون تي پارِس جان پيون،
هاڻي سڀ راهُون اڳتي آهِن سونَ جان.

آهي تُنهنجي نانوَ سان چوڌارِي ٺَـڏڪارُ،
اونهاري جو وارُ مون تي ٿِئي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

ڇرڪي، تُنهنجي نانوَ کي "نہ" ۾ لَپيٽي،
مون تو کي ريٽيو آخر ڇا پاتو پرين؟

ڪيئي مُلان مولوي، پَهون پولَ فقيهہَ،
اِنهيءَ ساريءَ پيهہَ مُنهنجو رستو روڪيو.

آخر مون پاتو تو کي سانجهيءَ سُونهنَ ۾،
تو سان مون ناتو جلدِي ناهي جوڙيو.

جڏهن ٻيڙا ٻارِ ۾ ٻُڏڻَ لَڳن ٿا،
توتي تڳن ٿا، اڻ-سونهان اوڙاهہ ۾.

Gul Hayat Institute

سانوڻ-جهڙ جئن تي وسي مون تي تو معافي،
تون ئي هڪ ڪافي، مون سارو جڳ واريو.

تون ڄاڻين مون ڪيئن تو بن گهاريا ڏينهڙا،
هُئين هِئين سيئن اُوندهه اَندوڪار ۾.

وَسي ويروتار تو مون تي تُنهنجو مينهن،
تو بِن هاٿي ڏينهن آرهڙ جي اُس وانگيان.

پَنڌُ نه پوسَر تو ڏئي هاٿي دنيا جو،
اَجائب-آجو، مون ڪي ڪَيئه مَهر سان.

Gul Hayat Institute

تُنهنجي ساڃهه کان سواءِ آن ڪٿي پورو!
آهي اڌورو سپنو هُن سنسار جو.

هاڻي تو ڄاڻان تون ڪو سنسو ڪونه آن،
مُنهنجي پُڄاڻان آهين مون سان پنڌ ۾.

تون تہ سدائين واهرو ڪڏهن نہ ويري،
ڇايا سَرسيري تُنهنجيءَ تتيءَ واٽ تي.

ڪُجهہ تہ آهين جو چيو تو لئہ مون "ناهين"،
ها، پر تون ڇا هين مون لئہ ڪنهن نہ سُجهائيو.

Gul Hayat Institute

منهنجا ڦوڦينڊا ڏسي جڏهن ڪَهل پيَئي،
مُنهنجي لاءِ ڪَيَئي راَهُون ريشم وانگيان.

ڏاڙهيون مُنهنجي ڏيهه ۾ سڀ تُنهنجون ويري،
تِن ڪان متيري ساڄهه تُنهنجي سُپرين!

مون کي تُنهنجي نانوَ، ڪيڏا نانوَ ڄپائيا!
آيس تُنهنجي گانوَ، ڪيڏا گانوَ گهمي ڪَري! ❁

مون وَٽ تُنهنجون ڪيتريون ڳالهيُون اَڻ-ڳاتَل،
رَستا سُڄاتَل، پَر مون پيرَ نه پَنڌَ ۾.

-----

❁ ڳِانوَ، ڳوٺ

Gul Hayat Institute

تو ۾ مان "مان" تو تيان، مان موتي تُون سپ،
آءُ ڪنو تون ڪپ، ڄرڪان تنهنجي جيءَ ۾.

ڇا لئہ ڪو لائين پيو مون کان منهنجو مُک،
ڇا هي سارو دُک، تو مون کي ناهي ڏنو؟

تنهنجو سايو مون متان، بادل پرجن جيئن،
ڪنهن کي سليان ڪيئن تنهنجي ساري ڳالهڙي!

جرجي ايڏي جهاجهہ مون پنهنجو پُڪ ڀُوتيو،
وانڙين تي واجهہ تو ڪيڏا آڪاس مان!

Gul Hayat Institute

آ ساري سنسارَ ۾ جن تُنهنجو نالو،
ڇَوڏَس شِوالو ٻَجنَ کيڏِي ٻاوَ سان!

وَر وَر مُنهنجي کَنتَ مان اَچا تو ڳائين،
تون ڇاتو پائين، مون کي پورڻتا ڏَئي؟ *

ڇا تون کوئي گيت آن اڳتي ٻوليءَ کان،
جنهن جي سُر ۾ مان ڇاهيانِ جي وِهنجي سڳهانِ؟

تو تائين ڪئن پهچندا هي جي مُنهنجا ٻولَ،
تون جو مُنهنجا ڍولَ ٻوليءَ کان ٻاهرِ هُئين!

Gul Hayat Institute

* پورڻتا - پُورن (پورڻ) مان اسم - ڪَمال

ٻولي تو تائين پهچي پهتي ڪينڪي،
مون توکي سائين ڇيتاريو آ چُپ ۾

هيءَ جا مُنهنجي ساهه ۾ آهي اونهي ڪڏ،
تَنهن مان مُنهنجا سَڏَ ڇا تو ٻڌا ڪينَڪي؟

مون چاهيو ڪنهن ريتِ مان تو تائين پهچان،
تون جو آهين "مان"، مون کان مون کي ويجهڙو.

نيٺ تہ تُنهنجي جِيتَ تي نيٺ تہ مُنهنجي هارَ،
مان ڇا آهيان؟ ڇارَ، ٻرِي پوءِ ٻُجهي وَيان!

Gul Hayat Institute

ڇا تون لڪي پاڻ کان پَسائين ٿو پاڻُ؟
آهيان مان اڻچاڻُ اڄ تائين اِسرار جو.

اوجاڳيي ۾ آءُ مَتان نِنڊَ اچي وڃي!
مان تُنهنجو سوداءُ سِر ۾ ڪيسين سانديان!

اهڙا نِينهَن ڪتانِ آيان جو توکي ڏسانِ!
توڙي ڪانڪِي مان تُنهنجو آدڄاد کان.

وَر وَر "ڦوٽُ" ٻڌي ڪَري، مون سانِ رَنج نہ ٿيءُ،
هيلَ تہ چيو "جيءُ"، توکي آنءُ جواب ۾.

Gul Hayat Institute

اوّل آخر تون، تون ئي وِچَ ۾ ناڪئو،
توڙي ٻيڙِي مون، تارِيَ پَئِي تارَ ۾.

اڃا، اِڃا اَوت، سِڄُ پيُالي ۾ پرين!
جيئين تُنهنجيّ جوت، اُوندهه ۾ اُيَري اچي!

ڇا مون هارايو؟ ڇا تون گوءِ کٽي وَئينءَ؟
ڪيڏو شرمايو آ مون پَنهنجي پاڻَ تي!

ڏَکَ پئِي ڏيکارجي تُنهنجي پراهين،
ڇَوُ تون ڇا آهين "تانهه" سَمائِي پاڻ ۾؟

Gul Hayat Institute

اِن کي موڙُ نہ توڙُ آن تو ڏِي پَنڌُ وَڍِو،
مُنهنجو جيءُ جَڏو، پوءِ بہ رڙهندو تو رهي!

وڃان تو ويساهَ سان اونداهيءَ مِ آنءُ،
مون مِ تنهجو نانءُ چمڪي تو چِڻَ چنڊَ جَئَن!

تون ئي سوپارو تِئين، مان ئي هارايُم،
ڳِچيءَ پارايمُ، توکي هارُ هٿنَ سان.

تون تہ سدائين سَڌُ آءُ پڙاڏو ناهيان.
توڙي تون آن ڳڌ آءُ نہ سَنيران ساٿَ کي!

Gul Hayat Institute

ويڳاڻو جئن پيءُ کان سوا ڪوئي ٻارُ،
تئن سارو سنسارُ مون کي تو بن ٿو لڳي.

تون جو مُنهنجو انت آن تون جو مُنهنجي آدِ،
ڇو مون توکي يادِ، اڳ ۾ ڪيو ڪينڪي!

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

وایون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

### وائي

چـوريِ ليـسُـوڙا پـٽ نـہ ايـڏيءَ اُسّ ۾!
ڏِسُ، آرھـڙ جـي سِـڄَ ۾ پـرن تـا ٻُـوڙا!
تو جئن جنبَ متي ڪنئين چِمڪن تا چوڙا، ✽
جهـانگيِ تُنھنجا جَھنگَ ۾ ڪيـڏا وِسوڙا!

Gul Hayat Institute

---

✽ جِنبَ - ڦوڙُ، ننڍو پٽر يا ٽڪرُ پٽرُ.

## وائي

چَنڊ چيو ڇا چانڊوڪيءَ ۾ ؟
آنءَ نہ ڄاڻان!

ڳالهہ ڪَئي جنهن ٻِي ٻوليءَ ۾،
آنءَ نہ ڄاڻان!

آهہ ڪِٿي ھو اونداهيءَ ۾،
آنءَ نہ ڄاڻان!

جوتِ جَلي ڪِئن هِن جي جيءَ ۾ ؟
آنءَ نہ ڄاڻان!
آنءَ نہ ڄاڻان!

Gul Hayat Institute

## وائي

ڪويلڙي ڪُوڪي.....

آڏيءَ جـــــو آواز ۾،
ساهُ سڄــو ڦـُـوڪي،
ڪويلڙي ڪُوڪي.....

ڏارُون اُن جون اُڀَ ۾،
ڪـونـہ ڏٺـيـون ٽوڪي؟
ڪويلڙي ڪوڪي.....

ڪنهن جي لاءِ صليب ۾،
ڪـوڪـا ٺـي ٺـوڪـي!
ڪويلڙي ڪوڪي.....

Gul Hayat Institute

## وائي

اوچـو ڳـاٽُ تـہ ڏِسُ!
* سَـرتـا، مـارِ نـہ سانهہِ کي!

تـہ سـارو آ تِـرورا
پـاڻـيءَ پـاٽُ تَـہ ڏسُ!
سَرتا، مـار نـہ سانهہِ کي!

کنهن هي رنگَ مـلائيـا،
سِـنـڌوءَ گـهـاٽُ تـہ ڏسُ!
سـرتا، مار نـہ سانهہِ کي!

پانهيُون، ٻَهڙا، نينگريون،
تِـن جـو نـاٽُ تـہ ڏِسُ!
سِرتـا مـار نـہ سانهہِ کي!

* سانهہ – پاڻيءَ جو هڪ پکي

Gul Hayat Institute

وائي

ڪانئِي سَمجَهہ تہ ڏارِ!
اِيئَين تون نہ اُڏارِ
ڊِانڊِيئڙي ڪي لامَ تان!

نيٺ تہ پوليِ پولڙيون،
اُڏري اُفق پارِ
اِيئَين تون نہ اُڏارِ
ڊِانڊِيئڙي ڪي لامَ تان!

ڇائيندي وَٽڪار تي
اُونده آخرِ ڪارِ،
اِيئَين تون نہ اُڏارِ
ڊِانڊِيئڙي ڪي لامَ تان!

وَهندي رَهندي واءَ ۾
نڊِي تارُن تارِ،
اِيئَين تون نہ اُڏار،
ڊِانڊِيئڙي ڪي لامَ تان!

* ڊانڊِيئڙو- هڪ ننڍو پکي، جو وڏو لڙڪندڙ آڪيرو ٺاهيندو آهي. اتر ۾ اُن کي مَن-مُوسڙو بہ چوندا آهن.

Gul Hayat Institute

وائي

هِي جو ڳاڙهو ڳُبُ
اُن کي چورا چو پَٽيُءَ ؟

مان پانيان سو لعل هو
ماٺهوءَ لئہ اَٿ -لَبُ
اُن کي چورا چو پَٽيُءَ ؟

وَر وَر آهن وائڙا
تودِي گُهوري سَبُ
هو جو ڳاڙهو ڳُبُ
اُن کي چورا چو پَٽيُءَ ؟

Gul Hayat Institute

## وائي

وِڙهين ٿو ڇاڪاڻ،
آنءُ تہ واٽهڙو ميان!

مون کي آندو ياڳَ ڇو ٻِلي تُنهنجي ياڻ؟
مون کلهہ گيت ڇيا ٻَئِي تو ڇيو، "تَنڊُ نہ تاڻ!"
او شل! هي اَمرت ڇَڪينَّ ڪَلي ڪولي هاڻ!
آ$ وڃان ٿو، پاڪڙي وانگر ڇَنڊُ اُماڻ!

آنءُ تہ واٽهڙو ميان!
آنءُ تہ واٽهڙو ميان!

Gul Hayat Institute

## وائي

ووءِ، ووءِ كنــديــن ووءِ

مـون پـڄـاڻـان سُـپـريـن!

ڏُور اُفق جي پـارِ كـا لـهـكـي پئي لوءِ!
ڇـو تُنهنجي ڳينوارَ اِئن جڳَ كان كنئي گوءِ؟
ڇا كـان منهنجـي جيئَري مون كي نہ ڇاتوءِ؟
سارينديُون تُنهنجون صديون، مون كي مون كان پوءِ،
مـون پـڄـاڻـان سُـپـريـن!

Gul Hayat Institute

وائي

❁ سُـــرٽا سُـــرَن ٽـــا
سانجهي! تُنهنجيءَ سانت ۾
ڪنهنجا سڌڙا پارَ تان
مـون ۾ پُـــرن ٽـــا
سانجهي! تُنهنجيءَ سانت ۾
ڦـٽَ جُٽي ويا ها، ورَي
ڪيــڏو ڪُــرن ٽـــا
سانجهي! تُنهنجيءَ سانت ۾

۞ سَپنا ڪَلرَ - ڪيت جئن
ويــنــدي پُــرن ٽـــا
سانجهي! تُنهنجيءَ سانت ۾

Gul Hayat Institute

---

❁ سُرٽا - سَپَ
۞ ڪَلرَ - ڪيت: ڪيت جنهن ۾ فقط ڪلر پيدا ٿيندو هجي.

وائي

هـيءَ بـہ پـتَـڻ پُـورُ
آنءَ لَـنـوايـو سـاٿـيـو!

آنءَ اَڏوري پَـنـڌَ ۾ مـاڳُ نـہ ڇـڏيـان مُـور،
ڇـا هـو ملنـدو وٽ تـي هـوُجـو ايڏو ڏُورُ!
ڪيئن ڇئجي مون کي ڪڏهن موت ڪَري مجبور!

Gul Hayat Institute

## وائي

جيڪي پنهنجي جَمَ سان مون آ وِڃايو،
مون کي ملندو موت ۾.

ڪيڏي ڪارونيارَ ۾ ستارو آيو؟
چمڪي، ڪاريءَ باٽ ۾ وَرِي سَمايو،
ڇا هُو اندوڪار ۾ آهي سَجايو؟
ڇا اونهي آڪاش ۾ آ ڪجهه اَجايو؟
ڪٿن چئجي، مون سان وِڇي، مون جو پرايو!
جيڪي پنهنجي جم سان مون آ وڃايو،
مون کي ملندو موت ۾.

Gul Hayat Institute

## وائي

ڪَڪَر جنهن ڪانڪِي، هيءَ چانڊوڪي چَنڊَ جي!
متان پائين اُپّ مِ، پيهر ايندِي هي!
هيءَ چانڊوڪي چَنڊَ جي!
نسوريءَ نيران جي، ڇاڇَر تي ڇانئي،
هيءَ چانڊوڪي چَنڊَ جي!
پِپِلَ! تنهنجي پَنَّ تي، ڏسان آنءُ ڇُهي؟
هيءَ چانڊوڪي چَنڊَ جي!
ڇا ڇا منهنجي ڏاتِ ۾، ڪِن پلَ لئہ چمڪِي،
هيءَ چانڊوڪي چَنڊَ جي!

Gul Hayat Institute

وائي

تون ۽ تُنهنجو تَنُ! مونُ کان وسرين ڪينڪي!
ساري راتِ رهاڻ ۾ توسان منهنجو مَنُ،
مون کان وسرين ڪينڪي!
پوئين پَهر گلابِ جئن مهڪي ماڪَ-بدنُ،
مون کان وسرين ڪينڪي!
باک ڦٽيءَ تو آنگرا ٽانگر جيئن ٽڙَن،
مون کان وسرين ڪينڪي!
واسي ويو هر ساسَ کي چوٽيءَ جو چَندن،
مون کان وسرين ڪينڪي!
ويندي وقتِ ڳراٽڙيون ڳهَر ڳچيءَ تي ڪَن،
مون کان وسرين ڪينڪي!
اَسُرَ-چنڊُ چُمي پيو پرين تو پيرن،
مون کان وسرين ڪينڪي!

Gul Hayat Institute

وائي

تون ئي واڳون وٺُ!
مون کان رَٽُ نہ روڪجي.

سَرهو هِن سنگرام ۾
ڪيسين ڊوڙي هٽُ؟
مون کان رَٽُ نہ روڪجي.

تاڙي تارَن چانوَ ۾
مونِ لئہ تو کو مَٽُ!
مون کان رٽُ نہ روڪجي.

Gul Hayat Institute

## وائي

اجا وَڃ نـــ تـــون،
الا وَڃ نـــ تـــون!
منهنجو من تو آسري.
ٽَـڪـر ٽاڪينديِ ٽيا مُنهنجا هَٿ لٿون،
منهنجو من تو آسري.
وَرَ وَراڪـا ڪِـيترا مُنهنجا پيرَ پٿـون،
منهنجو من تو آسري.
اجا روڪِنِ ڇالَ ڪان پيـوُن روز ڇپـون،
منهنجو من تو آسري.
ڇَپـر منجهہ ڇِڏيِ ويا ڪيڏا ساٿـي موُن!
منهنجو من تو آسري.

Gul Hayat Institute

## وائي

هي جي گهڙيون ڏُکّ جون ڪنهن ڪئن سَرچايوُن،
ڪُهہ ڄاڻان سنسارَ ۾!
ڪاڏي سَڀُ سانجهيون ويون شَفق ڪي چايوُن؟
ڪُهہ ڄاڻان سنسارَ ۾!
پاٽياريون سڀ پَندَ ۾ واريءَ وچايوُن،
ڪُهہ ڄاڻان سنسارَ ۾!
اوندهہ واريون اوچتو ساريون پَرچايوُن،
ڪُهہ ڄاڻان سنسارَ ۾!

Gul Hayat Institute

## وائي

جي تون اُڏري چَنڊَ ڏي، پٽ تي نهارين،
ڏرتي ڪيڏي موهڻي!

هن ساري سنسارَ تي، جي تون ويچارين،
ڏرتي ڪيڏي موهڻي!

اُن تي پويان ڏينهڙا جيڪي ٻه گهارين،
ڏرتي ڪيڏي موهڻي!

۽ نيري آڪاس ۾ جڏهن نهارين،
ڏرتي ڪيڏي موهڻي!

جي هرڪائي اَمرتا اِنهيءَ تي وارين،
ڏرتي ڪيڏي موهڻي!

جڏهن گُلَ چيٽي وڃن اُنهن کي سارين،
ڏرتي ڪيڏي موهڻي!

Gul Hayat Institute

## وائي

ويندوساڻءِ تہ وائـڙا ڏاڍو ياد ڪَنديـن،
ڏاڍو ياد ڪَنديـن!
مـون تـي سوچي آگريون ڏينديں روزُ ڏنديں،
ڏاڍو ياد ڪَنديـن!
سِجُ جڏهن سَر ۾ ٻڏو هونديں جنهن بہ هَنڌيں،
ڏاڍو ياد ڪَنديـن!
جڏهـن پکـي واءُ ۾ ڳائيـنـدا ٻُـڌنـديـن،
ڏاڍو ياد ڪَنديـن!
پـيـرا مُـنهـنجـا واٽَ تـي ڏُکَّ وچان ڏسنديں،
ڏاڍو ياد ڪَنديـن!

Gul Hayat Institute

## وائي

جيڪا اِئن ڪوڪي،
اَهڙيءَ ڪويلِ ڪي،
ڇو تو مارين ڪَنڪرِيوُن؟

سائي ٽاري انبَ جي
جنهن جو سڏُ سُڻي،
اَهڙيءَ ڪويلِ ڪي
ڇو تو مارين ڪَنڪرِيوُن؟

ڪوڙَ اتانهان رات جا
جنهن جي ڪوڪَ ٽپي،
اَهڙيءَ ڪويلِ ڪي
ڇو تو مارين ڪَنڪرِيوُن؟

راهون روشن تي وجن
ٻَهر ٻَهر ايئن پري،
اَهڙيءَ ڪويلِ ڪي
ڇو تو مارين ڪَنڪرِيوُن؟

Gul Hayat Institute

## وائي

❁ لاکي ڄاڄيءَ کي
آخر ڇو ڇَئجي،
پرڙا سيڪ نہ سڄ مِ!

اُڏري ويندو اوچتو
لَهڪي لَهرين تي،
لاکي ڄاڄيءَ کي
آخر ڇو ڇئجي
پرڙا سيڪ نہ سڄ مِ!

۞ ڏسڄي ڪيسين چُنج سان
جرَ کي جُهونجهاڙي
لاکي ڄاڄيءَ کي
آخر ڇو ڇَئجي،
پرڙا سيڪ نہ سڄ مِ!

هيءَ اُپائٽهارَ جو
پاڇائون آهي
لاکي ڄاڄيءَ کي
آخر ڇو ڇَئجي،
پرڙا سيڪ نہ سڄ مِ!

Gul Hayat Institute

❁ لاکو ڄاڄي – سَمنڊ جو هڪ اڇو پکي، (Flamingo)
۞ چُنج – چهنب

وائي

وَر وَر مــون واڪــا،
ورچـي ڪَيـا ولـهہ ۾ .
چـانگـي سـان گَـڏُ چَنڊُ تـو چڙهي چاڙهاڪا،
پـوءِ بہ ڪُـتَـن ڪـونہ تـا ڏونگر جا ڏاڪا!
سُـپـيـريـان جـي سـارَ ڇـڻ سـفـر ۾ آ ڪا!
منـهنجـا گـيـتَ ڏيَـن پـيـا مون کي سزا ڪا،
مون ڪان واٽ وِرانگهہ ۾ وِسري وَئي چا ڪا؟

Gul Hayat Institute

## وائي

وارِي ئي وارِي،
*غوشي لُوناري، ماريپور تي سِجَّ مِ.
آهي كيڏا تروار،
سامُوندي كَارِي، ماريپور تي سِجَّ مِ.
چمڪي تِي مون ڏي ڏسي،
ڏَرتي تي ڏاري، ماريپور تي سِجَّ مِ.
چِا هِي ساڳي سندُ آ،
ڀِنءِ جنهن تي ياري؟ ماريپور تي سِجَّ مِ.

Gul Hayat Institute

---

* غوشي – هڪ ذات
لوناري – لوڻ ٺاهيندڙ

وائي

لڪيءَ جبل تي
ايندڙ ويندڙ کي
پاڻي شال پيارئين!

ڪيئي ڳاٽ جهُڪي اچن
تُنهنجيءَ ڪلِيءَ تي
پاڻي شال پيارئين!

جڏهن سِجُ تپِي وڃي
لُنءَ لُنءَ لهسائي
پاڻي شال پيارئين!

او شل! پوَن مينهڙا
ڍُڪيءَ ديس وَسي!
پاڻي شال پيارئين!

Gul Hayat Institute

وائي

## دادُوءَ پتڻ تان

متان تون موٽي وڃين!

* تون جي لَهين لوُٽَ تي هارِين هاڻ، متان!
تو لئه ڪيڏيءَ تانگهه سان بيٺو آهيان مان!
⊙ جهانگيليءَ جا جِهينگرِو ڇو ايڏي "ٽان، ٽان"!

Gul Hayat Institute

* لوٽ- متاهين ڪلراٺي زمين
⊙ جهانگيلي- ننڍو جهنگ
جهينگر- ڏيڏر

وائي

ڏاڙهيارو ڏيکار،
پيرَ اچان مون پندَ ۾ .

چاندوڪيءَ ۾ چندَ جي
چاڙهي چوٽ، جيار،
پيرَ اَچان مون پندَ ۾ .

اُن جو پَبُ پري گهٽو؟
مون کي ايئن نہ مار!
پيرَ اَچان مون پندَ ۾ .

او شل! مون کي ماڳَ تي
پهچائين تون پار!
پيرَ اَچان مون پندَ ۾ .

Gul Hayat Institute

## وائي

* چوري، هي آيوُن
ايئين ڪاءِ نہ توُن
ويهي هُن جي واٽَ تي!

ڳوٺي ڳالهيون ڪنَ پيا
گهرَ گهرَ ۾ تُنهنجوُن-
چوري هِي آيوُن........

پريت ڪَبي جي وائُکي
يوُن يوُن ٿيندِي ييوُن-
چوري هي آيوُن........

ايندي ويندي ٽؤنڪ کي
ڪيسين لنوايون؟
چوري هي آيوُن؟
ايئين ڪاءِ نہ تون
ويهي هُن جي واٽَ تي!

---

* آيوُن- جوئر جا سيڪيل سنگ

Gul Hayat Institute

## وائي

ڌرتيءَ ڌنارن ڪيڏا وڳَ وڇوڙيا!
ڪُوڙا ڪيڏي چاھہ مان تِن ڪي چُچڪارن!
ڏڪوين ڪي ڏانُ تا ڏُوران ڏيکارن!
وَرِ وَر هاڪاري هَليا اونداهَن چارَن!
او شل! ڪوئِي تَڙُ ڏَسِي اڳِ جئِن تاسارَن!

Gul Hayat Institute

## وائي

مينهُن ٻہ ٻوڙان ٻوڙُ، اَچٽو آ هن ديسَ تي.
ڪَراچيءَ هر ڪُنڊ ۾ ڪيڏو نانهہ وِڳوڙُ!
هونءَ تہ ساري سِنڌُ ۾ گهر گهر آهي گوڙ.
تَڙ تَڙ جا بندوق جِي تُنهن جو ڪوئِي توڙُ؟
ڇا اڳتان تاريخ جي آهي ڪوئي موڙُ؟

Gul Hayat Institute

## وائي

مون کي معاف ڪجانءِ.

مون کي ننڊَ اَچي پئي.

اچا ڪيچُ نہ اوڏڙو جيڪرَ مان بہ هَلانءِ،

مون کي ننڊ اَچي پئي.

اڳتي پَنڌُ پهاڙَ جا ڏونگرَ نہ ڏرجانءِ!

مونَ کي ننڊ اَچي پئي!

هِي جي مُنهنجا گيت، تون تن ۾ مون کي پانءِ،

مون کي ننڊ اَچي پئي!

تيسين توسان قافليِ جيسين تيندين ٿانءِ،

مون کي ننڊَ اَچي پئي!

Gul Hayat Institute